ABC
CARTL_
جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايڊيٽر:
حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر:
سيد گل شاه
جلد 17 | سومر 12 آڪٽوبر 2026ع بمطابق 29 ربيع الثاني 1448ھ | قيمت: 20 | شمارو 01

خيبرپختونخوا ۾ ايمرجنسي لاڳو، وڏو وزير سهيل آفريدي گرفتار

خيبرپختونخوا ۾ دهشتگرديءَ جي وڌندڙ واقعن ۽ امن امان جي سنگين صورتحال سبب ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو

وڏي وزير سهيل آفريدي ۽ پارٽيءَ جي صوبائي صدر جنيد اڪبر کي گرفتار ڪيو ويو صدر پاڪستان آئين جي آرٽيڪل 232 تحت صوبي ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو

سرڪاري انفرااسٽرڪچر، بنيادي ڍانچي ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن تي دهشتگرد حملا وڌيا آهن، صوبائي حڪومت دهشتگرديءَ ۽ بدامنيءَ کي اثرائتي نموني روڪڻ ۾ ناڪام رهي آهي

صدارتي اعلان آئين جي آرٽيڪل 232(1) ۽ آرٽيڪل 234(1) تحت جاري ڪيو ويو آهي موجودا حالتن ۾ صوبائي حڪومت کي آئين موجب هلائي نٿو سگهجي

خيبرپختونخوا جو گورنر وفاقي حڪومت طرفان سونپيل صوبائي حڪومتي معاملا سنڀاليندو، صوبائي اسيمبليءَ ڪانسواءِ صوبي جي ٻين ادارن ۽ اختيارين جا اختيار به گورنر استعمال ڪري سگهندو

خيبرپختونخوا جي وڏي وزير سهيل آفريدي ۽ پي ٽي آءِ جي صوبائي صدر جنيد اڪبر کي گرفتار ڪيو ويو جنيد اڪبر طرفان سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل بيان ۾ پڻ دعويٰ ڪئي وئي آهي ته ڪيس ۽ سهيل آفريدي کي گرفتار ڪيو ويو

اسلام آباد (بيورو) خيبرپختونخوا ۾ دهشتگرديءَ جي وڌندڙ واقعن ۽ امن امان جي سنگين صورتحال سبب ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي. جڏهن ته پاڪستان تحريڪِ انصاف دعويٰ ڪئي آهي ته وڏي وزير سهيل آفريدي ۽ پارٽيءَ جي صوبائي صدر جنيد اڪبر کي گرفتار ڪيو ويو آهي. ايوان صدر طرفان جاري ڪيل پڌرائيءَ موجب، صدر پاڪستان آئين جي آرٽيڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

اسلام آباد: صدر آصف علي زرداري خيبرپختونخوا ۾ سلامتي جي صورتحال تي وزيراعظم جي ايڊوائس تي صحيحيون ڪري رهيو آهي

ملڪي درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ چوڙ جا انگ اکر جاري

اسلام آباد (بيورو) واپڊا ملڪ جي مختلف درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ چوڙ جا انگ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل پاران رياض ايئرپورٽ تي حملي جي مذمت

گڏيل قومون (م د) گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريش. سعودي عرب جي گادي واري /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

پاڻي مٿي ڪان گذري ويو، هاڻي فيصلو ڪرڻو پوندو، وزيراعظم جي ڪي پي حڪومت تي تنقيد

حڪومت اسلام آباد ڏانهن ايندڙ لانگ مارچ کي اچڻ نه ڏيندي ۽ قانون پنهنجو رستو پاڻ اختيار ڪندو"هي ٽولو ٻيهر اسلام آباد اچڻ چاهي ٿو ۽ انهن پوائنٽن يادن کي تازو ڪرڻ چاهي ٿو : وزيراعظم

ڪيڙا ٽنگڻ ۽ قبرون کوٽڻ جهڙن واقعن ذريعي چا اهي ٻيهر پاڪستان کي ساڳئي دور ۾ ڌڪڻ چاهين ٿا؟ حڪومت مولانا فضل الرحمان کي به درخواست ڪئي آهي ته هو ان معاملي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري

هن وقت جيڪا گفتگو ڪئي پئي وڃي، اها برداشت جوڳي ناهي آهي. پاڻي مٿي ڪان گذري چڪو آهي، هاڻي فيصلو اوهان کي ڪرڻو آهي. وزيراعظم خيبرپختونخوا ۾ امن امان جي صورتحال تي تنقيد

ڊيرا اسماعيل خان، ٽانڪ ۽ بنون جهڙن علائقن ۾ روزانو حملا ٿي رهيا آهن، پر صوبائي حڪومت خاموش آهي هو اهو چوڻ نٿو چاهي ته هڪ پاسي انهن جا جلوس نڪري رهيا آهن

2010ع جي قومي مالياتي ڪميشن ايوارڊ ۾ وسيلن جي ورڇ بابت خيبرپختونخوا کي هڪ سيڪڙو واڌو وسيلا ڏيڻ تي اتفاق ڪيو ويو هو

هن وقت تائين ان مد ۾ 800 ارب رپيا ڏنا ويا آهن، اها رقم ڪائونٽر ٽيررازم ڊپارٽمينٽ (سي ٽي ڊي) ۽ پوليس کي جديد هٿيارن سان ليس ڪرڻ لاءِ هئي، اها رقم ڪٿي خرچ ڪئي وئي؟

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته حڪومت اسلام آباد ڏانهن ايندڙ لانگ مارچ کي اچڻ نه ڏيندي ۽ قانون پنهنجو رستو پاڻ اختيار ڪندو. آچر ڏينهن وفاقي ڪابينا جي اجلاس کي خطاب ڪندي شهباز شريف چيو ته "هي ٽولو ٻيهر اسلام آباد اچڻ چاهي ٿو ۽ انهن پوائنٽن يادن کي تازو ڪرڻ چاهي ٿو. ڪيڙا ٽنگڻ ۽ قبرون کوٽڻ جهڙن واقعن ذريعي چا اهي ٻيهر پاڪستان کي ساڳئي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف اجلاس جي صدارت ڪندي

خيبر پختونخوا ۾ ايمرجنسي جو گزٽ نوٽيفڪيشن جاري

آصف علي زرداري آئين جي آرٽيڪل 232(1) ۽ 234(1) تحت صوبي ۾ ايمرجنسي لاڳو

اسلام آباد (بيورو) وفاقي حڪومت خيبر پختونخوا ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جو گزٽ نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي. /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

خيبرپختونخوا ۾ گورنر جي 11 رڪني مشاورتي ڪائونسل قائم

وفاقي وزيرن اعظم نذير تارڙ، عطاالله تارڙ، محسن نقوي ۽ ثمر هارون بلور گڏيل پريس ڪانفرنس

خيبرپختونخوا جو گورنر وفاقي حڪومت جي طرفان صوبي جا انتظامي معاملا هلائيندو ۽ پنهنجا فرض ادا ڪرڻ لاءِ مشاورتي ڪائونسل جي مدد حاصل ڪندو

ثناالله ايڊووڪيٽ خيبرپختونخوا جو ايڊووڪيٽ جنرل هوندو. پي ٽي آءِ تي طالبان سان اتحاد جو الزام

اسلام آباد (بيورو)خيبرپختونخوا ۾ صوبائي حڪومت معطل ٿيڻ ڪانپوءِ صوبي جي معاملن لاءِ 1/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

مطالبا مڃڻ جي صورت ۾ پي ٽي آءِ لانگ مارچ ختم ڪرڻ لاءِ تيار هئي: مولانا فضل الرحمان

آچر جي صبح فجر جي نماز وقت وزيراعظم شهباز شريف سان رابطو ڪيو ۽ صبح 6 وڳي ساڻس ملاقات لاءِ ويو

پي ٽي آءِ اڳواڻن جي عمران خان سان ملاقات ڪرائي ويندي ۽ سندس علاج به ڪرايو ويندو

اسلام آباد (بيورو) وفاقي حڪومت ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) وچ ۾ گڏيل ڪجهه ڏينـ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

ڪراچي: گورنر سنڌ نهال هاشمي سان ايڊووڪيٽ ڊاڪٽر حبيب الرحمٰن ملاقات ڪندي

ڪي پي ۾ ايمرجنسي ڪانپوءِ اسلام آباد ۾ ريڊ الرٽ، ريڊ زون ۾ داخلا بند ۽ قلم 144 ٽوڙيندڙن جي گرفتاريءَ جو حڪم

اسلام آباد جي اهم چوڪن ۽ چوراهن سميت شهر جي داخلي رستن تي به پوليس جي وڏي نفري مقرر ڪئي وئي

سمورن ايس پيز، ڊي ايس پيز ۽ ايس ايڇ اوز کي فيلڊ ۾ موجود رهڻ جي هدايت ڪئي وئي

اسلام آباد (بيورو) خيبر پختونخوا ۾ ايمرجنسي لاڳو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

خيبرپختونخوا ۾ ايمرجنسي، ايڇ آر سي پي جي وفاقي حڪومت کي تنبيهه

ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ سان سياسي ڇڪتاڻ وڌيڪ وڌڻ ۽ جمهوري عمل ڪمزور ٿيڻ جو خطرو

گورنر راڄ قائم ڪرڻ سان سياسي ڇڪتاڻ ۾ وڌيڪ واڌ ۽ جمهوري عمل جي ڪمزور ٿيڻ جو خدشو آهي

اسلام آباد (بيورو) هيومن رائٽس ڪميشن آف پاڪستان (ايڇ آر سي پي) چيو آهي ته وفاقي حڪومت طرفان خيبرپختونخوا ۾ ايمرجنسي لاڳو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

وزيراعظم جي رياض جي شاهه خالد انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي حوثي مليشيا جي حملي جي شديد مذمت

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم محمد شهباز شريف رياض جي شاهه خالد انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي ح/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

ترڪي جو مثال وسري ويندئو” خيبر پختونخوا ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ تي سهيل آفريدي جو ردعمل

ايمرجنسي يا گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ ڪانسواءِ اهڙا قدم بغاوت جي برابر آهن، همت ڪيو ۽ اعلان ڪري ڇڏيو : سهيل افريدي

ڪنهن به صورت ۾ پنهنجن آئيني ۽ قانوني مطالبن تان پوئتي نه هٽندا، سندن لانگ مارچ مطالبا منظور ٿيڻ تائين قانون موجب جاري رهندو

پشاور (م د) خيبرپختونخوا جي وڏي وزير سهيل آفريدي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

چائنا: وزيراعلي سنڌ مراد علي شاهه سان پرڏيهي وفد ملاقات ڪندي

حوثين جو رياض تي وڏو حملو، 12 ڄڻا مارجي ويا، سوين زخمي

يمن جي حوثي ويڙهاڪن ڇنڇر ڏينهن سعودي عرب جي گاديءَ واري شهر رياض جي عالمي هوائي اڏي تي ميزائل حملو ڪيو، جنهن جي نتيجي ۾ گهٽ ۾ گهٽ 12 ڄڻا مارجي ويا ۽ سوين زخمي ٿي پيا

هي هڪ ڏهاڪي کان وڌيڪ عرصي دوران سعودي عرب تي ٿيل سڀ کان وڌيڪ جاني نقصان وارو حملو آهي، هلندڙ هفتي ڪنگ خالد انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي اهو ٽيون ميزائل حملو هو

حملي ڪانپوءِ هوائي اڏي کي گهٽ ۾ گهٽ آچر جي رات دير تائين بند رکيو ويو، جنهن سبب 600 کان وڌيڪ اڏامون رد ڪيون ويون

رياض (م د) يمن جي حوثي ويڙهاڪن ڇنڇر ڏينهن سعودي عرب جي گاديءَ واري شهر رياض جي عالمي هوائي اڏي تي ميزائل حملو ڪيو، جنهن جي نتيجي ۾ گهٽ ۾ گهٽ 12 ڄڻا مارجي ويا ۽ سوين زخمي ٿي پيا. هي هڪ ڏهاڪي کان وڌيڪ عرصي دوران سعودي عرب تي ٿيل سڀ کان وڌيڪ جاني نقصان وارو حملو آ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

ايمرجنسي ڪانپوءِ گورنر ڪي پي جو سخت پيغام، فساد ڪندڙن خلاف ڪارروائيءَ جو چتاءُ

خيبرپختونخوا جو عوام دهشتگرديءَ خلاف آهي ۽ ان کي منهن ڏيڻ لاءِ هاڻي سنجيدا ڪوششون ڪيون وينديون : گورنر ڪي پي ڪي

خيبرپختونخوا جي عوام فيصلو ڪيو آهي ته هو فتنه الخوارج ۽ دهشتگردن سان وڌيڪ گڏ نٿا هلي سگهن

خيبرپختونخوا جو عوام اهو به چاهي ٿو ته وفاق ۽ ٻين صوبن سان سندن ڀائراڻا لاڳاپا هجن

پشاور (م د) خيبرپختونخوا ۾ ايمرجنسي لاڳو ٿيڻ ڪانپوءِ صوبي جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي چيو آهي ته خيبرپختونخوا جو عوام دهشتگرديءَ خلاف آهي ۽ ان کي منهن ڏيڻ لاءِ هاڻي سنجيدا ڪوششون ڪيون وينديون. هڪ وڊيو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

خيبرپختونخوا ۾ ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ جي مذمت، وفاق جو قدم تاريخ جي گند ۾ اڇلايو ويندو: پي ٽي آءِ

وفاقي حڪومت عملي طور خيبر پختونخوا اسيمبلي کي معطل ڪري ڇڏيو آهي ۽ صوبائي حڪومت کي به نشانو بڻايو ويو آهي

ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ ڪانپوءِ وفاقي حڪومت صوبي جي وڏي وزير سهيل آفريدي سميت ٻين اهم عهديدارن کي اغوا ڪيو آهي

ملڪ تي مڙهيل عنصر اقتدار تي پنهنجي پڪڙ برقرار رکڻ لاءِ پاڪستان جي بنيادن کي ڪمزور ڪري رهيا آهن

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) خيبر پختونخوا ۾ ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ جي سخت مذمت ڪندي چيو آهي ته ماضي جي آمراڻن قدمن وانگر وفاق جو اهو قدم به تاريخ جي گند ۾ اڇلايو ويندو. پارٽي طرفان /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

اسان ماڻهن کي قوميت، ٻولي، مذهب يا مسلڪ جي بنياد تي ورهائڻ جو تصور به نٿا ڪري سگهون: سعيد غني

80ع واري ڏهاڪي کان اڳ ڪراچي دنيا جي وڏن شهرن ۾ معاشي لحاظ کان اڳيرو هو

قتل ۽ غارت گيري ۽ ٻوليءَ توڙي قوميت جي نالي تي بيگناهه ماڻهن جو رت وهائڻ سبب ڪراچي زوال طرف وڃڻ لڳو

ڪراچي کي ترقي وٺرائڻ لاءِ شهر مان نفرت، تعصب ۽ ورهاست واري سياست جو خاتمو ضروري آهي

پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جا دروازا ٻين سياسي جماعتن جي ڪارڪنن لاءِ کليل آهن

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ جي محنت، افرادي قوت ۽ سماجي تحفظ واري صوبائي وزير سعيد غني چيو آهي ته 80ع واري ڏهاڪي کان اڳ ڪراچي دنيا جي وڏن شهرن ۾ معاشي لحاظ کان اڳيرو هو. پر ان ڏهاڪي ڪانپوءِ شهر ۾ لساني ۽ تعصب/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

لپڊ سوسائٽي آف پاڪستان پاران دل جي بيمارين کان بچاءَ ۽ صحتمند زندگي اختيار ڪرڻ تي زور

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي لپڊ سوسائٽي آف پاڪستان پاران پنهنجي پهرين ڪانفرنس جي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

جمعيت طلباءِ اسلام جو 57هون يوم تاسيس، ڪردار، مثبت تبديلي هجڻ گهرجي: ڊاڪٽر اي جي انصاري

جيڪب آباد (رپورٽر) جمعيت طلباءِ اسلام جي 57هين يوم تسيس جي موقعي تي مولانا عبيدالله سنڌي هال جيڪب آباد ۾ هڪ سي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

اين آءِ سي وي ڊي ڪراچي ۾ پيدائشي ۽ ٻارن جي دل جي بيمارين بابت تعليمي فورم سنڌ جو پهريون پروگرام منعقد

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي نيشنل انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيو ويسڪيولر ڊيزيز (اين آءِ سي وي ڊي) /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

FAKE NEWS
KARACHI PRESS CLUB
Misinformation, Disinformation and how to Verify News Online
10th October 2026
SKILL DEVELOPMENT COMMITTEE
KARACHI PRESS CLUB
ڪراچي: پريس ڪلب ۾ غلط معلومات بابت منعقد تربيتي سيشن کي اڳواڻ خطاب ڪندي

ڊنڊ جي پاڻيءَ ۾ گدلاڻ بابت خبرون غير تصديق ٿيل آهن: مزمل ميمڻ

ڪينجهر ڊنڊ جي پاڻيءَ ۾ آلودگيءَ بابت سوشل ميڊيا تي گردش ڪندڙ خبرون حقيقتن جي ابتڙ آهن

ڊنڊ جي پاڻيءَ جي معيار جي باقاعدگيءَ سان نگراني ڪئي پئي وڃي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي آبپاشي کاتي جي ايگزيڪيوٽو انجنيئر ڪلري بگهار ڊويزن نئو مزمل ميمڻ ڪينجهر ڊنڊ جي پاڻيءَ جي معيار بابت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

چين پاڪستان ڪانپوءِ ٺهيو، اڄ سپر پاور آهي، سنڌ اڃا بنيادي مسئلن ۾ ڦاٿل آهي: قادر مگسي

حڪمرانن کي عوام جي بنيادي مسئلن تي ڌيان ڏيڻ گهرجي، حيدرآباد ۾ ايس ٽي پي جي ميزباني هيٺ ڪوٺايل "سنڌ منهنجي امان" قومي ڪانفرنس کي خطاب

چين پاڪستان ڪانپوءِ وجود ۾ آيو، پر اڄ سپر پاور ملڪ آهي، سنڌ اڃا تائين بنيادي مسئلن ۾ ڦاٿل آهي

وفاقي گهرو وزير محسن نقوي کي ٻڌائڻ چاهي ٿو ته سنڌ جا ست ڪروڙ ماڻهو اڃا زنده آهن

حيدرآباد (رپورٽر) سنڌ ترقي پسند پارٽي (ايس ٽي پي) جي سربراهه ڊاڪٽر قادر مگسي چيو آهي ته سنڌ کي ورهائڻ يا نوان انتظامي يونٽ قائم ڪرڻ سان ملڪ جا بحران ختم نه ٿيندا. حڪمرانن کي عوام جي بنيادي مسئلن تي ڌيان ڏيڻ گ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

اسلام آباد: اين سي سي آءِ اي جي ايڊيشنل ڊائريڪٽر محمد شعيب خان پاران آءِ سي سي آءِ جو دورو ڪندي

صوبا ڪمزور ڪري وفاق مضبوط نٿو بڻائي سگهجي: بيرسٽر گوهر

خيبرپختونخوا ۾ ايمرجنسي جو فيصلو واپس وٺو، نه ته وڏو نقصان ٿيندو

سياسي فيصلن تي نظرثاني ڪرڻ ڪمزوري نه، پر قومي مفاد ۾ دانشمنديءَ جي نشاني آهي، ٻي صورت ۾ وڏو نقصان ٿيندو

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان تحريڪِ انصاف (پي ٽي آءِ) جي چيئرمين بئريسٽر گوهر خيبرپختونخوا ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جي فيصل/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

پاڪ افغان سرحد تي خوارجين جي دراندازي ناڪام

سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروائي ۾ 12 دهشتگرد افغان طالبان مارجي ويا، نائب صوبيدار شهيد

فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ بهادري سان وڙهندي پاڪ فوج جو نائب صوبيدار هدايت امان شهيد ٿي ويو

راولپنڊي (م د) سيڪيورٽي فورسز ڪرم ضلعي ۾ پاڪ افغان عالمي سرحد تي اعليٰ ترين هوشياري جو مظاهرو ڪندي افغانستان مان خوا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

پاڪستان پاران شاهه خالد انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي حوثي مليشيا جي دهشتگرد حملي جي شديد مذمت

عالمي قانونن جي ڀڃڪڙي ۽ علائقائي امن ۽ سلامتي لاءِ سنگين خطرو قرار ڏنو آهي

اسانجون دعائون متاثرن ۽ سندن ڪٽنب ڀاتين سان گڏ آهن، اسان فوتين جي وارثن سان دلي تعزيت ڪريون ٿا

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان رياض جي شاهه خالد انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي حوثي مليشيا پاران نشانو بڻائڻ جي تازي دهشتگرد حملي جي شديد م/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

مهمان نوازي جي گرم جوشي پاڪستان جو هڪ انمول جوهر آهي: فلپائين جو سفير

جڏهن کان هن ملڪ ۾ قدم رکيو آهي، ته هتي جي منفرد گرم جوشي ۽ مهمان نوازي کي محسوس ڪري رهيو آهي

مان چوندس ته پاڪستاني عوام جي گرم جوشي ۽ مهمان نوازي اها شئي آهي جنهن جي مان تمام گهڻي تعريف ڪيان ٿو

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان ۾ فلپائين جي سفير ڊاڪٽر ايمانوئل آرفرنانڊيز مهمان نوازي جي گرم جوشي کي "پاڪستان جو هڪ انمول جوهر" /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

مضبوط، خوشحال ۽ منصفاڻي معاشري جي تعمير لاءِ ٻارڙين کي بااختيار بڻائڻ اهم آهي: شيري رحمان

ڌيئرن کي بار نه پر اميد، خوشحالي ۽ روشن مستقبل جي علامت سمجهڻ گهرجي

سندن تعليم، صحت ۽ تحفظ تي سيڙپڪاري اصل ۾ ملڪي مستقبل ۾ سيڙپڪاري آهي

اسلام آباد (بيورو) پيپلز پارٽي جي نائب صدر سينيٽر شيري رحمان چيو آهي ته مضبوط، خوشحال ۽ منصفاڻي معاشري جي تعمير لاءِ ٻارڙين/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

لاهور: مسيحي عورتون دعائيه تقريب ۾ شريڪ آهن

اسيمبليءَ جي منظوري ڪانسواءِ سنڌ جو ورهاڱو ناممڪن آهي: نثار کهڙو

پيپلزپارٽي ڪالا باغ ڊيم، گريٽر ٿل ڪينال ۽ سنڌ جي ورهاڱي خلاف ٺهراءَ منظور ڪيا آهن

سنڌ اسيمبلي سنڌ جي ورهاڱي واري معاملي تي پنهنجو فيصلو ڏئي چڪي آهي

ارڙهين آئيني ترميم صوبائي خودمختياري جي ضمانت ڏئي ٿي، تنهن ڪري صوبائي اسيمبلي جي منظوري ڪانسواءِ سنڌ جو ورهاڱو ممڪن ناهي

حيدرآباد (رپورٽر) پاڪستان پيپلزپارٽي سنڌ جي صدر نثار کهڙي چيو آهي ته آئين تحت سنڌ کي ورهائي نٿو سگهجي. حيدرآباد ۾ هڪ ڪانفرنس کي خطاب ڪندي نثار کهڙي چيو ته پيپلزپارٽي ڪالا باغ ڊيم، گريٽر ٿل ڪينال ۽ سنڌ ج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

خيبرپختونخوا ۾ وڏي انتظامي ڦيرڦار، پاڪستان ايڊمنسٽريٽو سروس جي 15 آفيسرن جون بدليون

گريڊ 21 جي اڪرام الله کي خيبر پختونخوا مان بدلي ڪري اسٽيبلشمينٽ ڊويزن ۾ رپورٽ ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي

گريڊ 20 جي شاهد الله ۽ گريڊ 19 جي شاهه فهد کي به اسٽيبلشمينٽ ڊويزن ۾ رپورٽ ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو

گريڊ 18 جي محمد احتشام الحق، محمد فهيم ۽ گريڊ 19 جي محمد عثمان کي به خيبر پختونخوا مان بدلي ڪري اسٽيبلشمينٽ ڊويزن ۾ رپورٽ ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو

پشاور (م د) خيبر پختونخوا مان پاڪستان ايڊمنسٽريٽو سروس جي 15 آفيسرن جون بدليون ڪيون ويون آهن. جن کي اسٽيبلشمينٽ ڊويزن ۾ رپورٽ ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي ذريعن موجب، گريڊ 21 جي اڪرام الله کي خيبر پختونخوا مان بدلي ڪري اسٽيبلشمينٽ ڊويزن ۾ رپورٽ ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. گريڊ 20 جي شاهد الله ۽ گريڊ 19 جي شاهه فهد کي به اس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

سنڌ حڪومت جو خاص ٻارن کي راندين جي ميدان ۾ اڳتي وڌائڻ ۽ هڪجهڙا موقعا فراهم ڪرڻ جو فيصلو

راندين ۽ نوجوانن جي معاملن واري سيڪريٽري منور علي مهيسر خاص مهمان طور شرڪت

ان موقعي تي هن شاندار ڪارڪردگيءَ جو مظاهرو ڪندڙ خاص رانديگرن لاءِ 50 هزار رپيا انعام ڏيڻ جو اعلان ڪيو

ڊي ايس او ويسٽ محمد عثمان ۽ ٻين شخصيتن سميت 100 کان وڌيڪ خاص ٻارن شرڪت

خاص ٻارن ۾ بي پناهه صلاحيتون موجود آهن، جن کي مناسب موقعا، همت افزائي ۽ سرپرستي فراهم ڪري راندين جي ميدان ۾ اڳتي وڌائي سگهجي ٿو : منور مهيسر

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت خاص ٻارن کي راندين جي ميدان ۾ اڳتي وڌائڻ ۽ کين هڪجهڙا موقعا فراهم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. سنڌ جي راندين ۽ نوجوانن جي معاملن واري کاتي جي اهتمام هيٺ ڊسٽرڪٽ ويسٽ انٽر ڪلب ايند پيرا /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

جاتي ۾ پنجن سالن جي نينگريءَ کي پوليو جو شڪ، تصديق لاءِ سيمپل ورتا ويا

جاتي (م د) جاتي جي ڳوٺ دريا خان ٿهيم ۾ پنجن سالن جي معصوم نينگري سميرا ٿهيم ۾/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

قرآن خواني ۽ مجلسِ عزا محترمه سيد نزهت نقوي جي چاليهي جي سلسلي ۾ منعقد

ڪراچي(رپورٽر) مشهور ايڊورٽائزر ۽ مويشي منڊي جي اڳوڻي ترجمان راڄ علي ثقلين ص/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

صدر پاران پاڪ افغان سرحد تي دهشتگردن جي دراندازي جي ڪوشش ناڪام بڻائڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

اسلام آباد (بيورو) صدر آصف علي زرداري کي پي ڪي جي ضلعي ڪرم ۾ پاڪ افغان/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

ڪراچي: امير جماعت اسلامي ڪراچي منعم ظفرخان پريس ڪانفرنس ڪندي

وزيراعظم پاران دهشتگردن جي دراندازي جي ڪوشش ناڪام بڻائڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي واکاڻ

نائب صوبيدار جي شهادت تي افسوس جو اظهار

هن شهيد نائب صوبيدار هدايت امان کي وطن جي دفاع ۾ جان جو نذرانو پيش ڪرڻ تي خراج عقيدت پيش

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم محمد شهباز شريف ڪرم ضلعي ۾ پاڪ افغان سرحد تي دهشتگردن جي دراندازي جي ڪوشش ناڪام بڻائڻ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

ايمرجنسي مسئلي جو حل ناهي” خيبرپختونخوا ۾ گورنر راڄ تي جماعت اسلامي جو ردعمل

گورنر راڄ هجي يا ايمرجنسي، اهي مسئلي جو حل ناهن، پرامن احتجاج هر سياسي جماعت جو حق آهي

ڪي اليڪٽرڪ جا واهپيدار وڌيا آهن، پر بجلي پيدا ڪرڻ وارا يونٽ ناهن وڌايا ويا

ڪي_4 منصوبي جي واڌاري واري ڪم دوران شهرين جي سهولت لاءِ متبادل رستا ٺاهيا وڃن

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي ڪراچي جي امير منعم ظفرخان چيو آهي ته ملڪ ۾ هن وقت غيريقيني واري صورتحال آهي. گورنر راڄ هجي يا ايمرجنسي، اهي مسئلي جو حل ناهن. پرامن احتجاج هر سياسي جماعت جو حق آهي ۽ سياسي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
سومر 12 آڪٽوبر 2026 ع بمطابق 29 ربيع الثاني 1448هه

ايمرجنسي نه، سياسي ڳالهين سان بحران جو حل

خيبرپختونخواهه ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ يا گورنر راڄ قائم ڪرڻ بابت وفاقي حڪومت جي امڪاني فيصلي ملڪ جي سياسي ماحول ۾ نئين ڇڪتاڻ پيدا ڪري ڇڏي آهي. اطلاع آهن ته وفاقي حڪومت ان سلسلي ۾ اڳيرائي ڪندي وفاقي ڪابينا ۽ پارليامينٽ جي ٻنهي ايوانن جا اجلاس طلب ڪيا آهن. جڏهن ته صدر آصف علي زرداري ۽ وزيراعظم شهباز شريف وچ ۾ ملاقات دوران ملڪ جي مجموعي سياسي ۽ سيڪيورٽي صورتحال تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي آهي. خيبرپختونخواهه ۾ امن امان جي خراب صورتحال، دهشتگرديءَ جي وڌندڙ خطرن ۽ وفاقي توڙي صوبائي حڪومتن وچ ۾ اختلافن سبب پيدا ٿيل صورتحال کي سنجيدگيءَ سان ڏسڻ جي ضرورت آهي، پر سوال اهو آهي ته ڇا ايمرجنسي يا گورنر راڄ واقعي انهن مسئلن جو مستقل حل بڻجي سگهندو يا ان سان سياسي اختلافن ۾ وڌيڪ اضافو ٿيندو؟

پاڪستان جو آئين وفاق ۽ صوبن جي اختيارن، ذميوارين ۽ لاڳاپن بابت واضح اصول مقرر ڪري ٿو. آئين جي آرٽيڪل 232 تحت جنگ يا اندروني بدامنيءَ جي اهڙي صورتحال ۾، جنهن سان ملڪ يا ان جي ڪنهن حصي جي سلامتي خطري ۾ پئجي وڃي، هنگامي حالتن جو اعلان ڪري سگهجي ٿو. اهڙي اعلان کي مقرر آئيني طريقيڪار تحت پارليامينٽ جي ٻنهي ايوانن جي منظوري لاءِ پيش ڪرڻ لازمي آهي. ايمرجنسي دوران وفاقي حڪومت جا انتظامي اختيار وڌي سگهن ٿا ۽ پارليامينٽ کي صوبي بابت قانون سازيءَ جا وڌيڪ اختيار حاصل ٿي سگهن ٿا، پر ان جو مطلب اهو ناهي ته صوبائي خودمختياري ۽ جمهوري ادارن جي اهميت ختم ٿي وڃي ٿي. آئين تحت صوبائي اسيمبليءَ جا قانون سازيءَ وارا اختيار برقرار رهن ٿا، جڏهن ته وفاقي ۽ صوبائي قانونن ۾ ٽڪراءَ جي صورت ۾ لاڳاپيل آئيني ضابطا لاڳو ٿين ٿا. ساڳئي وقت وفاق کي آرٽيڪل 232 تحت هاءِ ڪورٽ جا اختيار پاڻ سنڀالڻ جو اختيار حاصل ناهي.

ٻئي پاسي، آئين جو آرٽيڪل 234 صوبي ۾ آئيني نظام جي ناڪاميءَ جي صورتحال ۾ گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ جو طريقو بيان ڪري ٿو. ان تحت مقرر آئيني طريقيڪار ۽ پارليامينٽ جي ٻنهي ايوانن جي منظوريءَ سان اهڙو قدم کنيو وڃي ٿو. گورنر راڄ دوران صوبائي حڪومت جا ڪجهه يا سمورا اختيار صدر پاڻ سنڀالي سگهي ٿو يا گورنر حوالي ڪري سگهي ٿو. پر هاءِ ڪورٽ جا اختيار ان طريقي سان به وفاق يا گورنر حوالي نٿا ڪري سگهجن. اهڙي قدم جي منظوري، مدي ۽ واڌ بابتA آئين ۾ مقرر شرطون موجود آهن. تنهن ڪري ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ کي رڳو سياسي اختلافن جي بنياد تي هڪجهڙو قدم سمجهڻ بدران، ٻنهي جي آئيني نوعيت، مقصد ۽ لاڳو ٿيڻ جي شرطن کي الڳ الڳ سمجهڻ ضروري آهي.

وفاقي حڪومت جي امڪاني فيصلي تي پاڪستان تحريڪ انصاف سخت ردعمل ظاهر ڪيو آهي. پي ٽي آءِ خيبرپختونخواهه جي اطلاعات سيڪريٽري شوڪت يوسفزئي جو چوڻ آهي ته صوبي ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ مسئلن جو حل نه، پر هڪ وڏو سياسي ۽ انتظامي خطرو ثابت ٿي سگهي ٿو. هن حڪومت تي زور ڏنو آهي ته پي ٽي آءِ جا مطالبا تسليم ڪيا وڃن ۽ پارٽي جي باني عمران خان سان ملاقات ڪرائي وڃي. جڏهن ته مولانا فضل الرحمان جي ثالثيءَ مان فائدو وٺي سياسي ڳالهين جو رستو اختيار ڪيو وڃي. شوڪت يوسفزئي موجب، ايمرجنسي بابت ڳالهيون پارٽيءَ کي دٻاءَ ۾ آڻڻ لاءِ آهن، پر پي ٽي آءِ پنهنجي مطالبن تان پوئتي نه هٽندي. اهڙي موقف مان ظاهر ٿئي ٿو ته پارٽي وفاقي حڪومت جي ڪنهن به هڪ طرفي قدم کي سياسي طور قبول ڪرڻ لاءِ تيار ناهي.

خيبرپختونخواهه جي وڏي وزير سهيل آفريدي پڻ پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته صوبي ۾ پاليسي عمران خان جي هلندي ۽ عوامي حڪمراني ئي عمران خان جي حڪمراني آهي. ٻئي طرف صوبي جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي جو چوڻ آهي ته ايمرجنسي يا گورنر راڄ بابت اڃا تائين سرڪاري طور حتمي فيصلو نه ٿيو آهي ۽ وفاقي ڪابينا جي فيصلي کانپوءِ صورتحال واضح ٿيندي. گورنر اهو موقف پڻ اختيار ڪيو آهي ته جيڪڏهن گورنر راڄ لاڳو ڪيو ويو ته اهو سڄي صوبي ۾ ٿي سگهي ٿو جڏهن ته ڪجهه علائقن ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جو امڪان پڻ موجود آهي. هن وڏي وزير تي تنقيد ڪندي چيو آهي ته جيڪڏهن هو پنهنجي ماڻهن جو تحفظ نٿو ڪري سگهي ته ڪيس استعيفيٰ ڏيڻ گهرجي. بهرحال، اهڙن بيانن ۽ سياسي الزام بازيءَ کان اڳتي وڌي اصل مسئلن جي حل تي ڌيان ڏيڻ وقت جي اهم ضرورت آهي.

جمعيت علماءِ اسلام جي سربراهه مولانا فضل الرحمان پڻ خيبرپختونخواهه ۾ ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ جي مخالفت ڪندي چيو آهي ته اهي قدم دهشتگرديءَ جي خاتمي جو حل ناهن. وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات کانپوءِ سندس موقف سامهون آيو ته حڪومت ۽ پي ٽي آءِ وچ ۾ بامعنيٰ ڳالهين ذريعي مسئلن جو حل ڳولڻ گهرجي. ذريعن موجب، مولانا فضل الرحمان پنهنجي پارٽيءَ جي قيادت کي اعتماد ۾ وٺڻ سان گڏ مخالف ڌر سان به رابطا ڪري اڳتي جي حڪمت عمليءَ تي صلاح مشورو ڪرڻ چاهي ٿو. اهو موقف ان ڳالهه جي نشاندهي ڪري ٿو ته سياسي اختلافن جي موجودگيءَ باوجود ڳالهين ۽ ثالثيءَ ذريعي بحران گهٽائڻ جا رستا موجود آهن، جن کي نظرانداز نه ڪرڻ گهرجي.

خيبرپختونخواهه ۾ امن امان جي صورتحال يقيناً هڪ سنجيده مسئلو آهي. دهشتگرديءَ جي خاتمي، شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ، پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي صلاحيت وڌائڻ، سرحدي علائقن ۾ اثرائتي حڪمت عملي اختيار ڪرڻ ۽ عوام جو اعتماد بحال ڪرڻ لاءِ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن جي گڏيل ڪوششن جي ضرورت آهي. جيڪڏهن وفاق ۽ صوبائي حڪومت هڪ ٻئي سان سياسي ڇڪتاڻ ۾ مصروف رهنديون ته ان جو نقصان عام شهرين کي ٿيندو. امن امان کي سياسي مقابلي جو هٿيار بڻائڻ بدران ان کي گڏيل قومي ذميواري طور ڏسڻ گهرجي. حڪومت کي اهو به واضح ڪرڻو پوندو ته ايمرجنسي يا گورنر راڄ جي ضرورت ڪهڙن مخصوص آئيني ۽ انتظامي سببن جي بنياد تي محسوس ڪئي پئي وڃي، ۽ ان قدم سان ڪهڙا عملي نتيجا حاصل ٿيڻ جي اميد آهي.

ملڪ جي سياسي تاريخ مان اهو سبق ملي ٿو ته غير معمولي انتظامي قدم جيڪڏهن سياسي اختلافن کي ختم ڪرڻ بدران انهن کي وڌيڪ وڌائين ته مسئلا حل ٿيڻ بدران پيچيده ٿي ويندا آهن. ايمرجنسي يا گورنر راڄ جو اعلان پنهنجي جاءِ تي هڪ آئيني اختيار آهي، پر هر آئيني اختيار جو استعمال حالتن، ضرورت، قانوني گهرجن ۽ عوامي مفاد کي نظر ۾ رکندي ٿيڻ گهرجي. جيڪڏهن اصل مقصد دهشتگرديءَ جو خاتمو ۽ شهرين جو تحفظ آهي ته ان لاءِ سياسي اتفاق راءِ، ادارن وچ ۾ هم آهنگي ۽ اثرائتي انتظامي ڪارڪردگيءَ کي اوليت ڏيڻ گهرجي. ڪنهن به قدم سان چونڊيل صوبائي ادارن، قانون جي حڪمراني ۽ عوام جي جمهوري حقن بابت خدشا پيدا ٿين ته انهن جو سنجيده جائزو وٺڻ پڻ لازمي آهي.

صدر آصف علي زرداري ۽ وزيراعظم شهباز شريف جي ملاقات، وفاقي ڪابينا جي امڪاني فيصلي ۽ پارليامينٽ جي ٻنهي ايوانن جي اجلاس جي حوالي سان حڪومت تي ذميواري وڌي وڃي ٿي ته هوءَ ڪنهن به غير معمولي قدم کان اڳ سمورن لاڳاپيل ڌرين کي اعتماد ۾ وٺي. جيڪڏهن حڪومت وٽ صوبي جي صورتحال بابت سنجيده خدشا ۽ ثبوت موجود آهن ته اهي پارليامينٽ آڏو رکڻ، آئيني گهرجن تي عمل ڪرڻ ۽ سياسي قيادت سان مشاورت ڪرڻ بهتر رستو آهي. ساڳئي وقت پي ٽي آءِ کي به عوامي مسئلن ۽ امن امان جي صورتحال کي سياسي مطالبن سان ڳنڍڻ بدران ڳالهين لاءِ عملي اڳڀرائي ڪرڻ گهرجي. سياسي اختلاف جمهوريت جو حصو آهن، پر انهن کي اهڙي حد تائين وڌڻ نه ڏنو وڃي، جو امن امان، معيشت ۽ عام ماڻهن جي روزمره زندگي متاثر ٿئي.

خيبرپختونخواهه جو بحران ڪنهن هڪ پارٽي يا حڪومت جو مسئلو ناهي، پر ان جا اثر سڄي ملڪ جي سياسي استحڪام ۽ سلامتيءَ تي پئجي سگهن ٿا. وفاقي حڪومت، صوبائي حڪومت، مخالف ڌر ۽ پارليامينٽ کي گهرجي ته الزام تراشيءَ کان پاسو ڪري آئيني حدن اندر گڏيل حل ڳولين. مولانا فضل الرحمان جي ثالثيءَ واري تجويز سميت ڳالهين جا سڀ سنجيده رستا کليل رکڻ گهرجن. ملڪ کي هن وقت وڌيڪ سياسي محاذ آرائيءَ بدران اعتماد سازي، آئيني بالادستي ۽ دهشتگرديءَ خلاف گڏيل حڪمت عمليءَ جي ضرورت آهي. ايمرجنسي يا گورنر راڄ بابت ڪنهن به فيصلي جو اصل معيار سياسي فائدو نه، پر عوام جي جان ۽ مال جو تحفظ، قانون جي حڪمراني ۽ جمهوري نظام جو استحڪام هجڻ گهرجي.

عنوان: حڪومت ۽ پي ٽي آءِ آمهون سامهون، سياسي بحران جو ذميوار ڪير؟

غلام مصطفي جمالي

پاڪستان جي سياست هڪ ڀيرو ٻيهر اهڙي موڙ تي اچي بيٺي آهي، جتي حڪومت ۽ مخالف ڌر جي وچ ۾ اختلاف ڏينهون ڏينهن وڌندا پيا وڃن. هڪ پاسي حڪومت پنهنجي اقتدار، سياسي حڪمت عملي ۽ حڪومتي فيصلن جو دفاع ڪري رهي آهي، ته ٻئي پاسي پاڪستان تحريڪ انصاف حڪومت تي تنقيد ڪندي پنهنجي سياسي حقن، اڳواڻن جي آزادي ۽ عوامي مينڊيٽ جي بحاليءَ جا مطالبا ڪري رهي آهي. اهڙي صورتحال ۾ ملڪ جو سياسي ماحول ڇڪتاڻ جو شڪار آهي ۽ عام ماڻهو اهو سوال پڇڻ تي مجبور آهي ته آخرهن سياسي بحران جو ذميوار ڪير آهي ۽ ان جو حل ڪڏهن نڪرندو؟

پاڪستان جي تاريخ شاهد آهي ته جڏهن به سياسي ڌريون هڪ ٻئي کي برداشت ڪرڻ بدران هڪ ٻئي کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن، تڏهن ان جو نقصان رڳو سياسي اڳواڻن تائين محدود نه رهندو آهي، پر سڄي ملڪ کي ڀوڳڻو پوندو آهي. ڪاروبار متاثر ٿيندو آهي، سيڙپڪاريءَ ۾ گهٽتائي ايندي آهي، روزگار جا موقعا محدود ٿيندا آهن ۽ عوام جا بنيادي مسئلا سياسي بيان بازيءَ جي شور ۾ گم ٿي ويندا آهن. اڄ به ملڪ ۾ مهانگائي، بيروزگاري، بجليءَ جي اگهن، گئس جي کوٽ ۽ عام ماڻهوءَ جي گهٽجندڙ خريداريءَ جي سگهه جهڙا مسئلا موجود آهن. پر سياسي ڌرين جي وچ ۾ جاري ڇڪتاڻ سبب انهن مسئلن تي گهربل ڌيان نٿو ڏنو وڃي.

حڪومت جي بنيادي ذميواري آهي ته اها ملڪ ۾ سياسي استحڪام پيدا ڪري، عوام کي رليف فراهم ڪري ۽ مخالف ڌر سان اهڙو رويو اختيار ڪري، جنهن سان جمهوري عمل کي مضبوط بڻائي سگهجي. حڪومت وٽ اختيار آهن، ادارا آهن ۽ پاليسيون ناهڻ جو موقعو آهي، تنهنڪري ان کان وڌيڪ ذميواريءَ جي اميد رکڻ فطري ڳالهه آهي. جيڪڏهن حڪومت هر تنقيد کي دشمني سمجهندي ۽ مخالف ڌر جي هر مطالبي کي رد ڪندي، ته اختلافن جي شدت ۾ اضافو ٿيندو. جمهوري نظام ۾ تنقيد کي برداشت ڪرڻ ڪمزوري نه، پر سياسي پختگيءَ جي نشاني هوندي آهي.

ساڳئي وقت پاڪستان تحريڪ انصاف تي به اها ذميواري لاڳو ٿئي ٿي ته اها پنهنجي سياسي حڪمت عمليءَ تي سنجيدگيءَ سان نظرثاني ڪري. احتجاج ۽ جلسا جمهوري سياست جو حصو آهن، پر انهن جو مقصد مسئلن جو حل ڳولڻ ۽ عوام جي آواز کي اختيار وارن تائين پهچائڻ هجڻ گهرجي. جيڪڏهن سياسي احتجاجن سبب عام ماڻهن جي اچ وڃ متاثر ٿئي، ڪاروبار بند ٿين، شاگردن جي تعليم ۾ رڪاوٽ پوي ۽ روزاني مزدوري ڪندڙ ماڻهو پنهنجي گهر جو خرچ پورو نه ڪري سگهن، ته پوءِ سياسي تحريڪن کي پنهنجي حڪمت عمليءَ بابت سوچڻو پوندو. عوام پنهنجي مسئلن جي حل لاءِ سياست ڏانهن ڏسندو آهي، نه ڪي اهڙي صورتحال ڏانهن، جنهن ۾ هر نئين ڏينهن سان غيريقينيءَ ۾ اضافو ٿئي.

حڪومت ۽ مخالف ڌر ٻنهي کي اهو سمجهڻ گهرجي ته سياسي اختلافن جو حل طاقت جي مظاهري، سخت بيانن ۽ هڪ ٻئي کي للڪارڻ ۾ نه، پر ڳالهين ۽ سمجهوتيءَ ۾ لڪل آهي. دنيا جي جمهوري ملڪن ۾ به حڪومت ۽ مخالف ڌر جي وچ ۾ اختلاف ٿيندا آهن، پر اتي سياسي نظام کي هلائڻ لاءِ گڏ ويهڻ، قانوني رستا اختيار ڪرڻ ۽ قومي مفادن تي اتفاق پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. پاڪستان ۾ به اهڙي سياسي سوچ جي ضرورت آهي، جنهن ۾ ذاتي دشمنيءَ بدران قومي مفادن کي اهميت ڏني وڃي.

هتي هڪ اهم سوال اهو به آهي ته ڇا حڪومت ۽ تحريڪ انصاف جي وچ ۾ ڳالهين جو دروازو واقعي بند ٿي چڪو آهي، يا سياسي بيانن جي سختيءَ باوجود پردي پٺيان ڪنهن حل جي ڳولا جاري آهي؟ سياست ۾ ڪڏهن ڪڏهن سخت موقف ڳالهين کان اڳ پنهنجي سياسي حيثيت مضبوط ڪرڻ لاءِ اختيار ڪيو ويندو آهي، پر جيڪڏهن اهڙو موقف مستقل ضد ۾ تبديل ٿي وڃي، ته پوءِ ڪنهن به ڌر لاءِ پوئتي هٽڻ ڏکيو ٿي پوندو آهي. ان ڪري ٻنهي ڌرين کي اهڙا لفظ ۽ فيصلا اختيار ڪرڻ گهرجن، جيڪي ڳالهين جا رستا بند ڪرڻ بدران کين کليل رکن.

حڪومت کي گهرجي ته مخالف ڌر جي جائز خدشن کي ٻڌي، سياسي اختلافن بابت واضح موقف اختيار ڪري ۽ اهڙا عملي قدم کڻي، جن سان اعتماد جي بحالي ممڪن ٿي سگهي. جيڪڏهن ڪنهن معاملي تي قانوني يا آئيني اختلاف آهي، ته ان جو حل قانوني طريقي سان ڳولڻ گهرجي. ساڳئي طرح تحريڪ انصاف کي به گهرجي ته پنهنجي مطالبن کي واضح ڪري، ڳالهين لاءِ قابلِ عمل تجويزون پيش ڪري ۽ اهڙي سياسي حڪمت عملي اختيار ڪري، جنهن سان عام ماڻهن جي زندگي متاثر نه ٿئي. ڳالهين جو مطلب اهو ناهي ته ڪا ڌر پنهنجي اصولن کان مڪمل طور هٽ ڪٽي، پر ان جو مطلب اهو آهي ته اختلافن جي باوجود ڪنهن گڏيل رستي تي پهچڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي.

پاڪستان جي سياسي تاريخ ۾ ڪيترائي اهڙا موقعا آيا آهن، جڏهن سياسي جماعتن هڪ ٻئي خلاف سخت موقف اختيار ڪيا، پر وقت گذرڻ سان انهن کي ڳالهين جي اهميت جو احساس ٿيو. جمهوريت جو حسن اهو آهي ته ان ۾ حڪومتون تبديل ٿي سگهن ٿيون، مخالف ڌر حڪومت تي تنقيد ڪري سگهي ٿي ۽ عوام پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري سگهي ٿو، پر انهن سڀني عملن لاءِ آئين، قانون ۽ جمهوري اصولن جو احترام لازمي آهي. جيڪڏهن سياسي جماعتون رڳو پنهنجي اقتدار يا سياسي برتريءَ کي مقصد بڻائينديون، ته پوءِ جمهوري ادارن تي عوام جو اعتماد ڪمزور ٿي سگهي ٿو.

هن سڄي صورتحال ۾ ملڪ جي معيشت کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. پاڪستان جو عام شهري اڳ ئي ڪيترن معاشي مسئلن کي منهن ڏئي رهيو آهي. هڪ مزدور لاءِ روزاني ڪمائيءَ مان گهر جو خرچ هلائڻ ڏکيو ٿيندو پيو وڃي، هڪ وچولي طبقي جي خاندان لاءِ ٻارن جي تعليم، علاج ۽ بجليءَ جا بل ادا ڪرڻ وڏو مسئلو بڻجي ويا آهن. جڏهن ته ننڍا واپاري به وڌندڙ خرچن ۽ غيريقينيءَ واري ماحول سبب پريشان آهن. اهڙي حالت ۾ سياسي ڌرين جو فرض آهي ته اهي پنهنجي اختلافن کي ايترو نه وڌائين، جو عوام جا بنيادي مسئلا وڌيڪ پيچيده ٿي وڃن.

سياسي استحڪام جو مطلب اهو ناهي ته ملڪ ۾ اختلاف ختم ٿي وڃن يا مخالف ڌر حڪومت جي هر فيصلي جي حمايت ڪرڻ لڳي. اصل استحڪام اهو آهي ته اختلافن جي باوجود نظام هلندو رهي، قانون سڀني لاءِ هڪجهڙو هجي، عوام کي پنهنجي راءِ ڏيڻ جو حق حاصل هجي ۽ سياسي مسئلن کي ڳالهين ذريعي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. جيڪڏهن حڪومت ۽ مخالف ڌر هڪ ٻئي کي سياسي حقيقت طور قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه هونديون، ته پوءِ بحران بار بار جنم وٺندو رهندو. حڪومت کي اهو به سمجهڻ گهرجي ته عوامي حمايت رڳو بيانن سان حاصل نٿي ڪري سگهجي. عوام کي روزگار، سستي بجلي، بهتر تعليم، معياري علاج ۽ مهانگائيءَ کان ڇوٽڪاري جي ضرورت آهي. جيڪڏهن حڪومت انهن معاملن تي نمايان بهتري آڻي ٿي، ته ان جي ڪارڪردگيءَ جو مثبت اثر سياسي ماحول تي به پئجي سگهي ٿو. ساڳئي وقت مخالف ڌر کي به رڳو حڪومت تي تنقيد ڪرڻ بدران عوام آڏو پنهنجي پاليسين ۽ مسئلن جي حل بابت واضح منصوبو پيش ڪرڻ گهرجي. عوام کي اهڙي سياست گهرجي، جيڪا مسئلن جي نشاندهي ڪرڻ سان گڏ انهن جو حل به ٻڌائي. سياسي ڇڪتاڻ جو هڪ ٻيو نقصان اهو آهي ته ملڪ بابت غيريقينيءَ جو تاثر وڌي ٿو. جڏهن سياسي ڌريون هر روز هڪ ٻئي خلاف سخت بيان ڏين ٿيون، ته ملڪ جي معاشي مستقبل بابت سوال پيدا ٿين ٿا. سيڙپڪارن جو اعتماد متاثر ٿي سگهي ٿو ۽ ڪاروباري سرگرمين ۾ به احتياط وڌي سگهي ٿو. ان ڪري سياسي اڳواڻن کي پنهنجن لفظن ۽ فيصلن جي اثرن بابت سوچڻ گهرجي. اختلاف رکڻ هر ڌر جو حق آهي، پر قومي معيشت ۽ عوامي مفادن کي سياسي مقابلي جي ور چاڙهڻ ڪنهن به صورت ۾ مناسب ناهي.

پاڪستان جي نوجوان نسل کي به هن سياسي صورتحال مان مايوسيءَ بدران اميد جو پيغام ملڻ گهرجي. نوجوان تعليم، روزگار، جديد مهارتن ۽ بهتر مستقبل جا خواهشمند آهن. جيڪڏهن انهن جي سامهون مسلسل سياسي تڪرار، الزام تراشي ۽ غيريقينيءَ جو ماحول رهندو، ته سندن اعتماد متاثر ٿي سگهي ٿو. ملڪ جي سياسي قيادت تي فرض آهي ته اها نوجوانن کي اهڙو مستقبل ڏئي، جتي سندن صلاحيتن کي اڳتي وڌڻ جا موقعا ملن ۽ کين پنهنجي ملڪ ۾ ترقيءَ جي اميد نظر اچي. آخرڪار، هن سوال جو جواب ته سياسي بحران جو ذميوار ڪير آهي، ڪنهن هڪ ڌر تي مڪمل طور وجهي نٿو سگهجي. بحران جا سبب مختلف ٿي سگهن ٿا، ۽ انهن جو جائزو حقيقتن، فيصلن ۽ سياسي روين جي بنياد تي وٺڻ گهرجي. حڪومت جي ذميواري آهي ته اها برداشت، بهتر حڪمراني ۽ ڳالهين جي رستي کي ترجيح ڏئي، جڏهن ته مخالف ڌر کي به جمهوري اصولن، ذميوار احتجاج ۽ سنجيده ڳالهين کي اهميت ڏيڻ گهرجي. ڪنهن به ڌر کي اهو نه وسارڻ گهرجي ته سياسي ڪاميابي عارضي ٿي سگهي ٿي، پر ملڪ جو نقصان ڊگهي عرصي تائين محسوس ٿيندو آهي. اڄ پاڪستان کي اهڙي قيادت جي ضرورت آهي، جيڪا اختلافن کي وڌيڪ وڌائڻ بدران انهن کي گهٽائڻ جي ڪوشش ڪري. حڪومت ۽ تحريڪ انصاف جيڪڏهن پنهنجي پنهنجي سياسي موقف تي قائم رهندي به ڳالهين لاءِ سنجيدگيءَ سان اڳتي اچن، ته ڪيترن مسئلن جو حل ممڪن ٿي سگهي ٿو. سياسي ضد، الزام تراشي ۽ طاقت جي نمائش بدران آئين، قانون، برداشت ۽ ڳالهين کي بنياد بڻائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. ڇو ته پاڪستان جي اصل ڪاميابي ڪنهن هڪ جماعت جي فتح ۾ نه، پر ملڪ جي استحڪام، عوام جي خوشحالي ۽ جمهوري نظام جي مضبوطيءَ ۾ آهي.

غلام مصطفي جمالي ڪڏهرو موري
ضلع بدين

وڏي ڀيڻ غلام زهريٰ جو المناڪ وڇوڙو

اعجاز ممنائي

8 آڪٽوبر 2026 ع بمطابق 24 ربيع الثاني 1448هه خميس جي ڏينهن شام 4 وڳي ڌاري گهري ننڊ مان ڇرڪ ڀري اٿيو هئس، دل تمام گهڻي بيچين ۽ بيقرار هئي ڪجهه سمجهه ۾ نه پئي آيو بس چند گهڙيون ئي مس گذريون ته منهنجي ڀائٽي پنهنجي ڪمري مان ڀڄندي آئي ۽ روئڻهارڪو ٿي چيائين ڪال آئي آهي ته ڀڦي وڏي گذاري ويئي منهنجي جسم مان جهڙوڪر ساهه نڪري ويو ڪين اکيان ڏند اچي ويو ۽ زاروقطار اشڪبار ٿي يڪدم اٿي پنهنجي موبائل ڳولڻ لڳس پر چارج تي هجڻ باوجود نه پئي لڌي نيٺ گهرواري موبائل ڪڍي ڏني ڏڪندڙ هٿن سان جن نمبرن کي ملايو پئي اهي مصروف پئي ويا ڏاڍو بيقرار ٿي نمبر ملائيندي گهرجي ڊاڪٽر سان تڪڙو هيٺ پئي لٿس ته ايتري ۾ ڀاڻج جو نمبر لڳي ويو جنهن چيو ته سول اسپتال پيا اچون منهنجي پٺيان منهنجو وڏو پٽ قربان رضا موٽرسائيڪل ڪاهي آيو ۽ اڌ پنڌ تان ڪٽي اسپتال پهچايوچا ڏسان ته ڀيڻ جي منهن جي مٿان ڪپڙو ڏنو پيو آهي مان فوري طور اسپتال جي ڊاڪٽر ۽ عملي کي سڏ ڪيو جن ٻڌايو ته "سائين رسيو ڊيڊ"آهي نه BPآهي ۽ نه پلس آهي ڀيڻ جي وات مان رت اچي رهيو هو ڊاڪٽر مطابق بلڊپريشر وڌڻ ڪري دماغ جي رڳ ڦاٽي پئي آهي مان سندس رت صاف ڪندي ڪيس ڏسندي اکين مان ڳوڙهن جو مينهن وسائيندي ايمبولنس جو پڇيو جنهن تي موجود اسٽاف ٻڌايو ته سرڪاري ايمبولنس ناهي ايڌي ايمبولنس موجود آهي مون فوري طور ان کي گهرايو ۽ "ڊيڊ باڊي" شفٽ ڪرائي ايتري ۾ منهنجي پنهنجي طبعيت بگڙي ويئي ۽ هوش نه رهيو ته ڪٿي آهيان اڌ ڪلاڪ کانپوءِ خبر پئي ته مونکي ڊرپ لڳي پئي آهي ۽ منهنجي چوڌاري گهر جا ڀاتي ويٺل آهن بس مان ڊرپ اڌ ۾ لهرائي فوري طور ڳوٺ طرف روانو ٿيس جتي اڳواٽ ڀيڻ جو تڏو وڇائجي چڪو هو

وڏي ڀيڻ رڳو ڀيڻ نه هوندي آهي، هوءَ ماءُ جو ٻيو روپ هوندي آهي. گهرجي وڏي ڀيڻ گهر جي ٿنڀي وانگي هوندي آهي، جيڪا ننڍڙن ڀائرن ۽ ڀينرن کي پنهنجي پيار جي ڇانوَ ۾ پاليندي آهي. منهنجي وڏي ڀيڻ به اهڙي ئي هئي. جڏهن مان ننڍو هئس ته امان جڏهن ڪم ۾ رڌل هوندي هئي ته ڀيڻ ئي مون کي کارائيندي، پياريندي ۽ سمهاريندي هئي. هن ڪڏهن به مون کي پنهنجي ننڍي ڀاءُ هجڻ جو احساس نه ڏياريو. سندس شادي منهنجي وڏي سوٽ ڊاڪٽر خادم حسين سان ٿيل هئي جنهن مان ڪيس به نياڻيون ۽ ٽي پٽ هئا سندس هڪ پٽ اشتياق حسين سندس زندگيءَ ۾ ئي لاڏاڻو ڪري ويو هو سندس ڀوهه جوانيءَ جي موت ماءُ سان گڏ سڄي خاندان کي جهوري ڇڏيو هو

بهرحال وڏي ڀيڻ زندگيءَ ۾ ڪيترين ئي تڪليفون ڏٺيون ٻه ڀيرا سندس ڄنگهه ۾ فريڪچر به ٿي پيو ۽ رت جي ڪوٽ ٿي پئي جنهن کانپوءِ منهنجي وڏي پٽ قربان رضا ڪيس رت جو عطيو به ڏنو ڊاڪٽرن ڪيس الرجي هجڻ جو چئي ڪيترين ئي ٽيسٽون ڪرايون پر آخري دم تائين سندس ڪنگهه ختم نه ٿي مان اڪثر جمعي جي ڏينهن ڳوٺ امڙ ابي ۽ ٻين رشتيدارن جي قبرن تي قل پڙهڻ لاءِ قبرستان ويندو هئس ته وڏي گهر وڃي پنهنجي ڀينرن سان ضرور ملندو هئس خاص طور تي ادي وڏي (جنهن کي سڀ آپا چوندا هئاسين) جو پڇندو هئس ته آپا ڪٿي آهي؟ گهر وارا ٻڌائيندا هئا ته ڪمري ۾ آهي ته مان فوري طور ساڻس ملي ماءُ جي سڪ لاهيندو هئس اڄ هوءَ خاموش ٿي کٽولي تي ستي پئي آهي سڄو پاڙو سندس چوڌاري ويٺو هيٺ ويٺل آهي هوءَ ڪنهن سان نه ٿي ڳالهائي منهنجي اکين ۾ ڳوڙهن جي برسات آهي

ٻئي ڏينهن جمعي جي ڏينهن 9 آڪٽوبر تي صبح جو 10:00 وڳي سندس جنازه نماز اباڻي قبرستان ۾ ادا ڪئي ويئي سچ پڇ هن جو وڇوڙو اڄ به هڪ خواب لڳي رهيو آهي. هن جي ڪمري ۾ اڄ به سندس يادون، هن جا ڪپڙا ۽ هن جي خوشبو موجود آهي.

يقينن وڏي ڀيڻ جو وڇوڙو واقعي المناڪ هوندو آهي. ڇو ته ماءُ پيءُ کان پوءِ جيڪڏهن ڪو سڀ کان وڌيڪ پيار ڪري ته اها وڏي ڀيڻ هوندي آهي. دعا آهي ته الله تعالي منهنجي ڀيڻ کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا ڪري. آمين.

بقايا عوامي سوچ 01

۽ جي اظهار لاءِ ريلي ڪڍي وئي. جنهن ۾ وڏي تعداد ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي. ريلي ڪشمير چوڪ مني ڪان شروع ٿي ۽ مختلف رستن کان ٿيندي صادق فقير چوڪ تي پهتي. جتي ريلي پڄاڻيءَ تي پهتي. ريليءَ جي شرڪت ڪندڙن هٿن ۾ قومي جهنڊا ۽ پينا فليڪس بينر کنيل هئا. جڏهن ته پاڪستان زنده آباد. پاڪ فوج زنده آباد ۽ رياستِ پاڪستان جي حق ۾ زوردار نعربازي ڪئي وئي. ان موقعي تي شرڪت ڪندڙن ۾ مٺايون پڻ ورهايون ويون. ريليءَ جي شرڪت ڪندڙن ملڪ ۾ امن امان جي قيام، قومي سلامتيءَ جي تحفظ ۽ دهشتگرديءَ خلاف پاڪ فوج جي ڪوششن ۽ قربانين کي ساراهيندي خراجِ تحسين پيش ڪيو. شرڪت ڪندڙن فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي قيادت ۾ ملڪ جي دفاع، سلامتي ۽ استحڪام لاءِ کنيل قدمن جي واکاڻ ڪندي پاڪستان جي ترقي، خوشحالي ۽ امن لاءِ پنهنجي عزم جو اظهار ڪيو. ان موقعي تي شرڪت ڪندڙن ٽي ايس ايم (TSM) خلاف پڻ نعربازي ڪئي ۽ چيو ته ملڪ ۾ امن، استحڪام ۽ قومي يڪجهتيءَ کي هٿي وٺرائڻ لاءِ سمورن شهرين کي پنهنجو مثبت ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. ريليءَ جي پڄاڻيءَ تي ملڪ جي سلامتي، ترقي ۽ خوشحاليءَ لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ويو. شرڪت ڪندڙن ان عزم جو اظهار ڪيو ته قومي اتحاد، پائيچاري ۽ امن جي فروغ ذريعي مضبوط ۽ خوشحال پاڪستان جي تعمير لاءِ گڏجي ڪوششون جاري رکيون وينديون

بقايا عوامي سوچ 02

جو ڊيوٽيءَ تي دير سان پهچڻ ۽ مقرر وقت کان اڳ آفيس ڇڏڻ وارين شڪايتن سبب شهرين کي سخت ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي جڏهن ته پوسٽ آفيس مان ملندڙ ضروري سهولتن جي فراهمي متاثر ٿيڻ تي شهر جي سماجي، واپاري ۽ مذهبي حلقن ۾ ڳڻتي ۽ ڪاوڙ پکڙجي وئي آهي ان سلسلي ۾ سماجي اڳواڻن ۽ شهرين ياسين منگي، حسن قاضي، عديل احمد ۽ ٻين موجب روهڙي پوسٽ آفيس ۾ عملي جي مبينا غيرحاضري ۽ ڊيوٽيءَ جي وقتن جي پابندي نه ٿيڻ سبب روزمره جا سرڪاري ۽ ضروري ڪم متاثر ٿي رهيا آهن پوسٽ آفيس پهچندڙ ماڻهن کي يوٽيلٽي بل جمع ڪرائڻ، ملڪ جي مختلف شهرن توڙي پرڏيهه ۾ ٽپال موڪلڻ ۽ ٻين ضروري سهولتن جي حاصلات لاءِ پريشانين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو شهرين جو چوڻ آهي ته سرڪاري اداري ۾ مقرر وقت تي عملي جي موجودگي ۽ عوام کي بنا غيرضروري انتظار جي سهولتون فراهم ڪرڻ انتظاميا جي بنيادي ذميواري آهي پر موجوده صورتحال سبب کين پنهنجا ضروري ڪم مڪمل ڪرائڻ ۾ ڏکيائيون پيش اچي رهيون آهن شهرين چيو آهي ته پوسٽ آفيس عوام جي ضرورتن سان لاڳاپيل هڪ اهم سرڪاري ادارو آهي جتي ٽپال جي موڪل، بلن جي ادائيگي ۽ ٻين خدمتن لاءِ روزانو ماڻهو اچن ٿا تنهن ڪري عملي جي غيرحاضري يا مقرر وقتن جي پابندي نه ڪرڻ سان عام شهرين کي سڌيءَ ريت نقصان پهچي ٿو هنن مطالبو ڪيو ته پوسٽ آفيس جي روزاني ڪارڪردگي، عملي جي حاضريءَ جي رڪارڊ ۽ ڊيوٽيءَ جي مقرر وقتن تي عملدرآمد بابت شفاف جاچ ڪرائي وڃي جيئن اصل صورتحال سامهون اچي سگهي شهرين ۽ سماجي اڳواڻن اميد ظاهر ڪئي آهي ته لاڳاپيل کاتو معاملي جو سنجيدگيءَ سان نوٽيس وٺندو ۽ ضروري قدم کڻي روهڙي پوسٽ آفيس جي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ سان گڏ شهرين کي پيش ايندڙ پريشانين جو ازالو ڪندو

بقايا عوامي سوچ 03

۽ موٽرسائيڪل وچ ۾ مبينا ٽڪر ڪانپوءِ پيش آيل تشدد واري واقعي ۾ ٻئي ڌرجو موقف به سامهون اچي ويو آهي. مختيار نالي شخص موجب، هو پنهنجي گهرواري ۽ ٻن ڌيئرن سان گڏ گهر وڃي رهيو هو ته پٺيان کان ايندڙ چنگچي رڪشا کين ٽڪر هنيو. جنهن جي نتيجي ۾ سندس ڌيءَ زخمي ٿي پئي، جنهن کي چار ٽانڪا لڳايا ويا. جڏهن ته سندس گهرواري جون به آڱريون به ڀڄي پيون. مختيار دعويٰ ڪئي ته هن رڪشا ڊرائيور کي زخمين کي اسپتال پهچائڻ لاءِ چيو. پر انڪار ڪرڻ تي ڪاوڙ ۾ اچي کيس ٻه ٽي چماٽون هنيون. جنهن دوران سندس ٽوپي به زمين تي ڪري پئي. ٻئي طرف واقعي جي سامهون آيل وڊيو ۾ مختيار کي سخت زخمي حالت ۾ ڏسي سگهجي ٿو واقعي بابت ٻنهي ڌرين جا موقف سامهون اچڻ باوجود معاملي جي مڪمل حقيقت واضح ٿيڻ لاءِ پوليس جي تصديق ۽ جاچ ضروري آهي.

بقايا عوامي سوچ 04

رورٽ آهي: پرو وائيس چانسلر ڊاڪٽر مصباح بي بي ٺٽو: سنڌ يونيورسٽي ڪيمپس ٺٽي ۾ سال 2027ع لاءِ مختلف شعبن ۾ داخلائن جي سلسلي ۾ انٽري ٽيسٽ ورتي وئي. جنهن ۾ ضلعي ٺٽي جي مختلف علائقن سان تعلق رکندڙ شاگردن ۽ شاگرديائين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڪيمپس جي پرو وائيس چانسلر ڊاڪٽر مصباح بي بي تعليمي سهولتن جي اهميت تي زور ڏيندي چيو ته ٺٽي ۾ سنڌ يونيورسٽي ڪيمپس جو قيام مقامي نوجوانن لاءِ هڪ وڏي سهولت آهي. جتان تعليم حاصل ڪندڙ ڪيترائي شاگرد اڄ اعليٰ عهدن تي فائز آهن ۽ مختلف ڪاروباري شعبن سان پڻ لاڳاپيل آهن. ميڊيا سان ڳالهائيندي ڊاڪٽر مصباح بي بي چيو ته هن وقت به ڪيمپس ۾ وڏي انگ ۾ شاگرد ۽ شاگرديائيون تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. پر ڪلاس رومز جي کوٽ سبب تعليمي سرگرمين دوران ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو هن چيو ته ڪيمپس جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ فوري طور وڌيڪ 10 ڪمرن جي ضرورت آهي. جنهن لاءِ هن مختلف چونڊيل عوامي نمائندن سان ملاقاتون ڪرڻ سان گڏ کين يونيورسٽي ڪيمپس جو دورو پڻ ڪرايو. پر صوبائي وزيرجيل خانہ جات، ورڪس اينڊ سروسز حاجي علي حسن زرداري کانسواءِ ڪنهن ٻئي نمائندي پاران خاطرخواهه موٽ نه ملي آهي. هن صوبائي وزير حاجي علي حسن زرداري پاران ڪيمپس جا ترقياتي ڪم جلد شروع ڪرائڻ جي خاطري کي ساراهيندي اميد ظاهر ڪئي ته ان تي جلد عمل ڪيو ويندو. جنهن سان شاگردن کي بهتر تعليمي ماحول فراهم ٿي سگهندو. پرو وائيس چانسلر وڌيڪ چيو ته ڪيمپس ۾ استادن لاءِ به رهائش ۽ آفيسن جون مناسب سهولتون موجود ناهن. جنهن سبب کين ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو جيڪڏهن في الحال ڊگري ڪاليج پاران ڪجهه اضافي ڪمرا فراهم ڪيا وڃن ته قانون (لا) جون ڪلاسون پڻ شروع ڪري سگهجن ٿيون. جنهن سان مقامي شاگردن کي پنهنجي ئي ضلعي ۾ وڌيڪ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ جا موقعا ملندا. ڊاڪٽر مصباح بي بي صوبائي وزير اطلاعات شرجيل انعام ميمڻ کي اپيل ڪئي ته ٺٽي جي شاگردن ۽ شاگرديائين جي سفري ڏکيائين کي ختم ڪرڻ لاءِ سنڌ يونيورسٽي ڪيمپس تائين خاص بس سروس شروع ڪئي وڃي. جيئن شاگرد آسانيءَ سان ڪيمپس پهچي سگهن ۽ باقاعدگيءَ سان ڪلاسن ۾ شرڪت ڪري سگهن. هن لاڳاپيل اختيارين ۽ چونڊيل نمائندن کان مطالبو ڪيو ته سنڌ يونيورسٽي ڪيمپس ٺٽي ۾ ڪلاس رومز جي کوٽ، استادن لاءِ بنيادي سهولتن جي فراهمي ۽ شاگردن جي اچ وڃ وارن مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪيو وڃي. جيئن ضلعي ٺٽي جي نوجوانن کي اعليٰ تعليم جا بهتر موقعا فراهم ٿي سگهن

بقايا عوامي سوچ 05

: ڊائريڪٽر سول ڊفينس سنڌ. گهرو کاتي جي هدايتن تي سول ڊفينس ميرپورخاص پاران 15 آڪٽوبر 2026ع کان ڊويزن جي سمورن سرڪاري ۽ خانگي تعليمي ادارن ۾ آگاهي ۽ تربيتي مهم شروع ڪئي ويندي. ڊپٽي ڪنٽرولر سول ڊفينس ميرپورخاص محمد فهيم ميمڻ موجب. مهم دوران سول ڊفينس جون ٽيمون مختلف تعليمي ادارن جا دورا ڪري شاگردن. استادن ۽ عملي کي باهه کان بچاءَ. باهه وسائڻ وارن اوزارن جي صحيح استعمال. هنگامي حالتن ۾ عمارت مان محفوظ نڪرڻ ۽ ٻين ضروري حفاظتي اپائن بابت بنيادي تربيت فراهم ڪنديون. هن چيو ته مهم جو مقصد تعليمي ادارن ۾ حفاظتي شعور پيدا ڪرڻ ۽ هنگامي حالتن ۾ انساني جانين ۽ ملڪيت جي تحفظ لاءِ تياري کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ آهي. ان سلسلي ۾ ڊائريڪٽر ڪاليجز. اسڪولز ۽ خانگي تعليمي ادارن کي گذارش ڪئي وئي آهي ته لاڳاپيل ادارن جي سربراهن کي سول ڊفينس ٽيمن سان سهڪار ڪرڻ ۽ تربيتي سرگرمين لاءِ ضروري سهولتون فراهم ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪن. وڌيڪ معلومات لاءِ سول ڊفينس ميرپورخاص جي ترجمان ۽ ڊپٽي چيف وارڊن خليل الله خان سان موبائل نمبر 0332_8899928 تي رابطو ڪري سگهجي ٿو.

بقايا عوامي سوچ 06

يءَ تي ڳڻتيءَ جو اظهار ٺٽي ضلعي ۾ وڌندڙ مهانگائي عام ماڻهوءَ جي چيلهه ڀڃي ڪري ڇڏي آهي. پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ سان گڏ روزمرهه جي استعمال وارين شين جون قيمتون به وڌي ويون آهن. جڏهن ته اٽي جو اگهه 190 کان 200 رپيا في ڪلو تائين پهچڻ سبب غريب ۽ پورهيت طبقو سخت معاشي مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيو آهي. ٻئي طرف بجلي ۽ سوئي گئس جي ڏگهي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ، پيئڻ جي پاڻيءَ جي کوٽ. رولو ڪتن ۽ مڇرن جي وڌندڙ آزار شهرين جو جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو آهي. ان سلسلي ۾ ٺٽي شهر جي سول سوسائٽيءَ جي نمائندن هيومن رائٽس پروٽيڪشن اينڊ سوشل جسٽس جي عهديدارن ۽ معزز شهرين. ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائيءَ عوام جي زندگيءَ کي سخت متاثر ڪيو آهي. اٽي سميت کاڌي پيتي جي شين جا اگهه عام ماڻهوءَ جي پهچ کان ٻاهر ٿيندا پيا وڃن. جنهن سبب گهٽ آمدنيءَ وارن خاندانن لاءِ ٻن ويلن جي مانيءَ جو بندوبست ڪرڻ به ڏکيو بڻجي ويو آهي. هنن چيو ته هڪ طرف روزگار جي کوٽ سبب پورهيت طبقو معاشي بدحاليءَ جو شڪار آهي. ته ٻئي طرف مهانگائيءَ جي مسلسل وڌندڙ بار عوام جي مشڪلاتن ۾ اضافو ڪري ڇڏيو آهي. اٽي جهڙي بنيادي خوراڪ جي قيمت 200 رپيا في ڪلو تائين پهچڻ غريب عوام لاءِ ڪنهن وڏي معاشي ڌڪ کان گهٽ ناهي. پر افسوس جو لاڳاپيل اختيارين طرفان مهانگائيءَ تي ضابطو آڻڻ ۽ عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ گهربل اثرائتا قدم نظر نٿا اچن. هيومن رائٽس پروٽيڪشن اينڊ سوشل جسٽس جي عهديدارن . سول سوسائٽيءَ جي نمائندن. وڌيڪ چيو ته ٺٽي شهر ۾ بجلي ۽ سوئي گئس جي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ سبب شهري روزاني زندگيءَ ۾ سخت تڪليفن کي منهن ڏئي رهيا آهن. جڏهن ته پيئڻ جي پاڻيءَ جي کوٽ صورتحال کي وڌيڪ سنگين بڻائي ڇڏيو آهي. ان کان علاوه رولو ڪتن جي آزار ۽ رات جي وقت مڇرن جي گهڻائيءَ سبب شهرين جي صحت ۽ روزمرهه جي زندگي پڻ متاثر ٿي رهي آهي. هنن چيو ته عوام اڳ ئي مهانگائي، بيروزگاري ۽ بنيادي سهولتن جي کوٽ سبب پريشان آهي. اهڙي صورتحال ۾ لاڳاپيل ادارن جي بي ڌياني عوامي تڪليفن ۾ وڌيڪ اضافو ڪري رهي آهي. وفاقي ۽ سنڌ حڪومت سان گڏ ضلعي انتظاميا جي ذميواري آهي ته شهرين کي درپيش مسئلن جي حل لاءِ هنگامي بنيادن تي عملي قدم کنيا وڃن. سول سوسائٽيءَ جي نمائندن ۽ هيومن رائٽس پروٽيڪشن اينڊ سوشل جسٽس جي عهديدارن. شهرين ،سنڌ حڪومت. لاڳاپيل کاتن ۽ ضلعي انتظاميا ٺٽو کان مطالبو ڪيو ته اٽي سميت عام واهپي جي شين جا اگهه ڪنٽرول ڪري سرڪاري اگهن تي عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي. بجلي ۽ سوئي گئس جي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ ختم ڪرائي وڃي. پيئڻ جي پاڻيءَ جي بحران جو مستقل حل ڪڍيو وڃي ۽ رولو ڪتن توڙي مڇرن جي خاتمي لاءِ اثرائتي مهم شروع ڪئي وڃي. جيئن عوام کي بنيادي سهولتون ۽ حقيقي رليف فراهم ڪري سندن زندگي آسان بڻائي سگهجي

بقايا عوامي سوچ 07

چيو آهي ته چار سال اڳ شاهه ڪريم پرسان ڳوٺ جناڻ سومرو جي رهواسي ميرمحمد شاهه جي ڌيءَ سان سندس نڪاح ٿيو هو. پر بعد ۾ گهرو اڻبڻت سبب هن کيس طلاق ڏئي ڇڏي. هن پريس ڪانفرنس دوران الزام لڳائيندي چيو ته طلاق ڪانپوءِ به ڄاڻايل عورت زبردستي سندس گهر ۾ اچي رهڻ لڳي آهي. جنهن سبب هو پريشانين کي منهن ڏئي رهيو آهي. سيد مظفر شاهه شيرازي لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو قانوني دائري ۾ رهندي نوٽيس وٺي جاچ ڪئي وڃي ۽ کيس انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 08

خيال رکڻ هر انسان لاءِ ضروري آهي ۽ معاشري ۾ ان حوالي سان شعور اجاگر ڪرڻ جي ضرورت آهي. هن چيو ته موجوده دور ۾ ذهني دٻاءُ. پريشاني، احساسِ ڪمتري ۽ اڪيلائي جهڙا مسئلا معاشري کي متاثر ڪري رهيا آهن. اهي مسئلا رڳو عورتن تائين محدود ناهن. پر ٻار ۽ نوجوان به خاموش ذهني اذيت جو شڪار آهن. تعليمي دٻاءُ، گهريلو اڻبڻت، معاشي تنگدستي ۽ سوشل ميڊيا جي منفي استعمال سبب نوجوان نسل ۾ مايوسي ۽ تعليم کان بيزاري وڌي رهي آهي. جڏهن ته ڪجهه ماڻهو شديد ذهني تڪليف سبب خودڪشي جهڙو انتهائي قدم کڻڻ تي مجبور ٿي وڃن ٿا. سد قرالعين شاهه چيو ته اهڙين حالتن ۾ نفسياتي ڪائونسلنگ اميد جي روشني ثابت ٿي سگهي ٿي. همدرديءَ سان ڪيل ڳالهه ٻولهه ۽ ڪنهن پريشان حال شخص جي ڳالهه ڌيان سان ٻڌڻ سندس ذهني حالت بهتر بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. وومين ڪمپلينٽ سيل ۽ سيف هائوس پڻ انهيءَ مقصد تحت ڪم ڪري رهيا آهن. جتي متاثر عورتن کي اعتماد ۽ رازداريءَ واري محفوظ ماحول ۾ پنهنجو موقف بيان ڪرڻ جو موقعو ڏنو وڃي ٿو. هن وڌيڪ ٻڌايو ته سيف هائوس ۾ عورتن کي 72 ڪلاڪن تائين رهائش دوران پُرامن ۽ باوقار ماحول فراهم ڪيو ويندو آهي. جيئن اهي ذهني سڪون حاصل ڪري سگهن. شديد ذهني دٻاءُ جو شڪار عورتن جي خاص ڪائونسلنگ ڪئي ويندي آهي ۽ ضرورت مطابق کين دارالامان ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن ڏانهن موڪليو ويندو آهي. جيئن سندن بحالي ۽ معمول واري زندگيءَ ڏانهن واپسيءَ ۾ مدد ملي سگهي. ان کان علاوه تعليم ڇڏي ڏيندڙ نياڻين جي حوصلا افزائي ڪري کين ٻيهر تعليم سان ڳنڍڻ جون ڪوششون پڻ ڪيون وينديون آهن. سد قرالعين شاهه چيو ته هن سال عالمي ذهني صحت جي ڏهاڙي جو پيغام "زندگيءَ جي تجربن سان جڙيل آوازن کي ٻڌڻ" اسان کي اهو احساس ڏياري ٿو ته ڪنهن جي تڪليف کي ڌيان سان ٻڌڻ به سندس مدد ۽ بحاليءَ ڏانهن هڪ اهم قدم آهي. ذهني بيماريءَ کي سماجي داغ نه سمجهڻ گهرجي. پر متاثر ماڻهن سان همدردي، عزت ۽ سهڪار وارو رويو اختيار ڪرڻ گهرجي. هن عوام کي اپيل ڪئي ته پنهنجي آس پاس موجود پريشان حال ماڻهن جون ڳالهيون ٻڌن. کين اڪيلو نه ڇڏين ۽ ضرورت پوڻ تي ماهرِ نفسيات کان مدد وٺڻ جي ترغيب ڏين. جيئن هڪ صحتمند. پُرامن ۽ همدرد معاشرو جوڙي سگهجي.

بقايا عوامي سوچ 09

باوجود نوجوان جي هٿ نه اچڻ تي وارثن ڪيس اغوا ڪرڻ جو شڪ ظاهر ڪندي گم ٿي ويل نوجوان جي ڳولا توڙي مبينا بازيابي ۾ مدد جي اپيل ڪري ڇڏي آهي. ان سلسلي ۾ ٺٽي لڳ يوسي ڏوماٽي جي ٻگهاڙ موري لڳ ڳوٺ حاجي محمد علي شورو توڙي ڪوهستاني ڳوٺ گل شورو جي رهواسي پيرسن ولي محمد شورو پنهنجي برادري جي ٻين ماڻهن سان گڏ ٺٽي پهچي صحافين اڳيان دانهيندي الزام هڻندي چيو آهي ته 21 ڏينهن اڳ 21 سيپٽمبر واري رات جو سندس نوجوان پٽ يامين ولد ولي محمد شورو جيڪو ٺٽي جي ڪوهستاني علائقي جنگشاهي ويجهو ست پاڳي چار جي اڳئين مڪان ڪوهستان 7/4 جنگشاهي ۾ پنهنجي ڪوهستاني زمين تي ڪم ڪار ڪرڻ دوران پراسرار طور گم ٿي ويو آهي. جنهن جي گهڻي ڳولا ڪرڻ توڙي حد جي پوليس وٽ گمشدگي جي رپورٽ درج ڪرائڻ باوجود سندس گم ٿيل پٽ يامين شورو جو ڪو به ڏس پتو پئجي ناهي سگهيو. پيرسن ولي محمد شورو خدشو ظاهر ڪندي چيو ته ڪٿي سندس پٽ يامين شورو کي ڪٿي مبينا طور اغوا ڪري ڪٿي قيد نه ڪيو ويو هجي. جنهن ڪري سندس جان کي پڻ نقصان پهچي سگهي ٿو. هن ايس ايس پي ٺٽو، سيشن جج ٺٽو، ڊي سي ٺٽو، چونڊيل نمائندن سميت سمورن وس وارن کي اپيل ڪئي ته سندن گم ٿي ويل توڙي مبينا طور اغوا ٿي ويل نوجوان پٽ يامين شورو جي ڳولا ۾ مدد ڪري سندن گمشدگي بابت مڪمل جانچ ڪرائي ملوثن خلاف ڪاروائي ڪرائي سندس وارثن کي پريشاني کان بچايو وڃي. جيڪي پٽ گم ٿيڻ ڪري سخت پريشان حال بڻيل آهن. جن جي گهرن ۾ پٽ جي وڇوڙي سبب ڪهرام متل آهي.

بقايا عوامي سوچ 10

پريشاني ۾ مبتلا ٿي ويا آهن. وارثن موجب نوجوان موٽرسائيڪل جي مستري جي دڪان تي ڪم ڪندو هو. جتان هو گم ٿي ويو آهي. وارثن پاران نوجوان جي ڪافي ڳولا ڪئي وئي. پر سندس ڪو به پتو پئجي نه سگهيو آهي. وارثن واقعي بابت اڏيرولال وليج ٿاڻي تي پڻ اطلاع ڏئي ڇڏيو آهي. هنن لاڳاپيل ادارن ۽ شهرين کي اپيل ڪئي آهي ته نوجوان جي ڳولا ۾ مدد ڪئي وڃي ۽ جيڪڏهن ڪنهن کي سندس باري ۾ ڪا ڄاڻ ملي ته وارثن يا پوليس کي اطلاع ڏنو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 11

ن موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي هن چيو ته ڏوڪري ۽ باقراڻي تعلقن ۾ ترقياتي ڪمن جو ڄار وڇايو ويو آهي تعليم، صحت ۽ روڊن رستن جي بهتري لاءِ پڻ قدم کنيا ويا آهن. هن چيو ته پيپلز پارٽي عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ غريبن جي مدد لاءِ ڪوششون هلندڙ آهن بنا فرق جي عوامي خدمت تي يقين رکون ٿا تڪ جي ماڻهن لاءِ علي آباد جا دروازا کليل آهن جتي پارٽي منشور موجب خدمت جو سلسلو هلندڙ آهي. ان دوران چيئرمين عبدالحميد جيسر، اڳوڻو چيئرمين لياقت علي سومرو رئيس مظفر علي چانڊيو قمرالدين ميتلو مير شڪيل ڪريم منگل، عبدالقدير جيسر حبيب الله ڪوڪر ۽ ٻيا پڻ گڏ هئا.

بقايا عوامي سوچ 12

ر سيد غلام رضواني شاهه جيلاني ڪئي. ان موقعي تي حضرت پير سيد غلام رضواني شاهه جيلاني خطاب ڪندي دين اسلام جي تعليمات. اولياءِ ڪرام جي محبت ۽ روحاني تربيت جي اهميت تي روشني وڌي. اجتماع جا انتظام فقير محمد صالح ڪڇي قادري. فقير محمد علي قادري ۽ فقير سجاد علي قادري پاران ڪيا ويا. اجتماع ۾ عقيدتمندن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 13

ڪوارٽر اسپتال (سول اسپتال ٺٽو). جنهن کي هن وقت لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي (LUMHS) طرفان ڊاڪٽرن جي تدريسي تربيت لاءِ ٽيچنگ اسپتال جو درجو حاصل آهي. ۾ ينگ ڊاڪٽرز ايسوسيئيشن (YDA) جي نئين باڊي جي چونڊ ضلعي جي چيف آرگنائيزر ڊاڪٽر ساجد شيخ جي نگرانيءَ ۾ ٿي. چونڊ دوران ڊاڪٽر گل قاضي کي صدر. ڊاڪٽر ناصر شيرازي کي جنرل سيڪريٽري. ڊاڪٽر منيش کي نائب صدر. ڊاڪٽر ريشما انڙ کي عورتن جي نائب صدر. ڊاڪٽر مبشر احمد جوکيو کي ميڊيا سيڪريٽري ۽ ڊاڪٽر مجاز کي فنانس سيڪريٽري چونڊيو ويو. جڏهن ته ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي ميمبرن ۾ ڊاڪٽر اسامہ. ڊاڪٽر رضوان جوکيو (شعبو ٻارن جون بيماريون)، ڊاڪٽر حبيب (شعبو سرجري)، ڊاڪٽر اسماعيل (شعبو ميڊيسن) ۽ ڊاڪٽر شام ڪمار (شعبو ڏندن جون بيماريون) شامل آهن. ان موقعي تي سول اسپتال ٺٽو جي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ (MS) ڊاڪٽر سرور خشڪ خطاب ڪندي چيو ته ڊاڪٽرن کي مسيحا جو لقب مليل آهي. تنهن ڪري سڀني ڊاڪٽرن کي گهرجي ته هو پنهنجا فرض ايمانداريءَ ۽ ذميواريءَ سان ادا ڪن ۽ غريب توڙي لاچار مريضن جي خدمت کي پنهنجو اولين فرض سمجهن. هن وڌيڪ چيو ته اسپتال انتظاميا ڊاڪٽرن کي پيش ايندڙ جائز مسئلن جي حل لاءِ ڀرپور ڪوششون ڪندي. جيئن ڊاڪٽر بهتر ماحول ۾ پنهنجون ذميواريون ادا ڪري سگهن ۽ مريضن کي بهتر طبي سهولتون فراهم ڪري سگهجن. ان موقعي تي ضلعي جا ڊاڪٽر اڳواڻ ڊاڪٽر ممتاز چوهان. ڊاڪٽر غلام علي دايو. ڊاڪٽر آڪاش عباسي. ڊاڪٽر اظهر قريشي. ڊاڪٽر عطا ڪلمتي. ڊاڪٽر شريف بلوچ. ڊاڪٽر اجي ۽ ڊاڪٽر پرويز وگن پڻ موجود هئا. اڳواڻن ڊاڪٽرن کي پيش ايندڙ مسئلن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ۽ انهن جي حل لاءِ گڏيل ڪوششن جي ضرورت تي زور ڏنو نئين چونڊيل باڊي ان عزم جو اظهار ڪيو ته ڊاڪٽرن جي جائز حقن جي تحفظ. پيشہ ورانہ مسئلن جي حل ۽ سول اسپتال ٺٽو ۾ مريضن کي بهتر طبي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو ويندو.

بقايا عوامي سوچ 14

غوث بخش ڳاهو جو رهواسي 18 سالا نوجوان محمد اقبال پٽ غوث بخش ڳاهو ڳوٺ پرسان مڇي جي تلاءَ تي ويو هو ته اوچتو پير ترڪڻ سبب تلاءَ ۾ ٻڏي ويو. نوجوان جي تلاءَ ۾ ڪرڻ جي اطلاع تي علائقي واسين پهچي ٻڏي ويل نوجوان جو لاش تلاءَ مان ڪڍي گمس اسپتال گمبٽ منتقل ڪيو. جتي ڊاڪٽرن نوجوان جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي. اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد فوتي نوجوان جو لاش وارثن حوالي ڪيو ويو. لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

بقايا عوامي سوچ 15

نڊ محاذ جي چيئرمين رياض چانڊيو چيو آهي ته سنڌ جي زمين. درياهه. ٻيٽن. جبلن ۽ معدني وسيلن تي قبضا برداشت نه ڪنداسين. سنڌ کي انتظامي يونٽن ۾ ورهائڻ ۽ وسيلن تي قبضي خلاف 15 آڪٽوبر تي لاڙڪاڻي ۽ 8 نومبر تي ڪراچي ۾ وحدت سنڌ ريليون ڪڍيون وينديون . ڏوڪري پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي رياض چانڊيو ذوالفقار بليدي نظير شيخ. چيو ته سنڌ جي وسيلن ۽ پاڻي تي سنڌ واسين جو حق آهي. جڏهن ته انتظامي يونٽن واري تجويز کي سنڌ جي وحدت لاءِ خطرو سمجهون ٿا. هنن چيو ته سنڌ ايڪشن ڪميٽي جي جدوجهد ۾ گڏ آهيون ۽ سياسي اختلافن کي دشمني ۾ تبديل ڪرڻ جا قائل ناهيون. سنڌين ۽ بلوچن کي ڀائر قرار ڏيندي هنن چيو ته ٻنهي قومن وچ ۾ محبت ۽ ڀائپي جو رشتو صدين کان قائم آهي. هن ٻنهي ريلين ۾ هر طبقي جي ماڻهن کي شرڪت جي دعوت ڏني آهي. ان موقعي تي جسم اڳوڻن ذوالفقار بليدي. نظير شيخ. ابرار مورائي ۽ منير ڏومڪي پڻ موجود هئا. هوڏانهن رياض چانڊيو غلام مصطفيٰ جتوئي پبلڪ لائبريري ۾ سنڌ جو شعور ۽ جدوجهد جي عنوان سان ليڪچر پروگرام ۾ شرڪت ڪئي ۽ ليڪچر پڻ ڏنو. ان موقعي تي ايڊووڪيٽ امداد علي جويو. رڪ سنڌي. علي رضا جلباڻي. ارشاد علي ٻگهيو. ظهير بسمل. عمير جوڻيجو. ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

بقايا عوامي سوچ 16

پروگرام منعقد مهمان خاص سنڌ بار ڪراچي جي صدر بئريسٽر ذولفقار جلباڻي سميت وڏي انگ ۾ سينئر وڪيلن شرڪت ڪئي تفصيل موجب ميرپور ماٿيلو تعلق بار صدر جي ميمبر وڪيل محمد يونس چاچڙ پاران ميرپور ماٿيلو ۾ پنهنجي آفيس جي قيام جي سلسلي ۾ شاندار افتتاحي تقريب منعقد ڪئي جنهن ۾ خاص مهمان طور سنڌ بار ڪراچي جي صدر ذوالفقار جلباڻي سميت وڏي انگ ۾ سينئر وڪيلن شرڪت ڪئي ان موقعي تي صدر ڪراچي بار ذوالفقار جلباڻي پنهجي هٿن سان ربن ڪاٽي آفيس جو افتتاح ڪيو جڏهن ته ان موقعي تي وڪيل برادري پاران ايڊووڪيٽ ذوالفقار جلباڻي جو شاندار استقبال ڪري مٿس گلن جي ورڪا پڻ ڪئي

بقايا عوامي سوچ 17

ياري شاعر استاد بخاريءَ جي 34 هين ورسيءَ جي موقعي تي استاد بخاري ادبي ڪائونسل سنڌ پاران "ڳائي پيو، ڄاڳائي پيو" جي عنوان هيٺ پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي. جنهن ۾ ناليوارن اديبن. شاعرن. سگهڙن. فنڪارن. سياسي ۽ سماجي اڳواڻن. سڄاڻ ڌرين ۽ هزارين پرستارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب ۾ استاد بخاريءَ جي شاعري. فڪر. سنڌ سان محبت ۽ عوامي جدوجهد کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي. جڏهن ته سنڌ جي مشهور راڳين سندس گيت ڳائي محفل کي جهومائي ڇڏيو. تقريب کي خطاب ڪندي استاد بخاريءَ جي پڳدار پٽ سيد ڊاڪٽر الطاف شاهه بخاري چيو ته استاد بخاريءَ ادب ۽ شاعريءَ جي ميدان ۾ وڏو ڪم ڪيو. جنهن کي وڌيڪ اجاگر ڪرڻ جي ضرورت آهي. استاد بخاري پاڻ ۾ هڪ ادارو هو. جنهن پنهنجي فن. ادب ۽ شاعريءَ وسيلي ڪيترن ئي ناميارن راڳين. شاعرن موسيقارن کي متعارف ڪرايو. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ ناياب لفظن جي چونڊ ڪري اهڙا سدا بهار گيت لکيا. جيڪي اڄ به هر طبقي جي ماڻهن جي ترجماني ڪن ٿا ۽ ماڻهن جي زبانن تي گونجن ٿا. هن چيو ته استاد بخاري سنڌ ڌرتيءَ جي سونهن. پورهيت طبقي جي درد ۽ عوام جي احساسن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ بهترين انداز سان دنيا آڏو پيش ڪيو. مون کي استاد بخاريءَ جو پٽ هجڻ تي فخر آهي. چاڪاڻ ته منهنجي والد کي سڄي دنيا "استاد" جي نالي سان سڃاڻي ٿي. استاد جو لفظ هر ٻوليءَ ۾ وڏي مرتبي ۽ احترام جي علامت آهي. جيڪو والدين جهڙو درجو رکي ٿو. استاد بخاريءَ جو نالو وٺڻ سان اڄ به اکين ۾ لڙڪ ۽ ذهن ۾ سندس يادون تري اچن ٿيون. هن جي شاعريءَ ۾ ڪٿي غريبن ۽ پورهيتن لاءِ انقلابي پيغام آهي ته ڪٿي وري حسن ۽ عشق جي اهڙي اپٽار آهي. جنهن جي ڪا حد نظر نٿي اچي. سينئر صحافي ڪلڻ پنڊ چيو ته استاد بخاري سنڌ جي روح ۽ زبان آهي. جنهن پنهنجي انقلابي شاعريءَ وسيلي عوام ۾ شعور ۽ جاڳرتا پيدا ڪئي. سنڌ جي ناميارا موسيقار عرفان سمون چيو ته استاد بخاري جنهن قوم کي جاڳائڻ پئي چاهيو. اها قوم اڄ جاڳي چڪي آهي استاد واقعي هڪ وڏو استاد هو. جنهن سنڌ کي منظور سخيراڻيءَ جهڙو راڳي ڏنو ۽ موسيقيءَ جي دنيا تي گهرا اثر ڇڏيا. ناميارا اديب ۽ دانشور تاج جويي چيو ته استاد بخاريءَ پنهنجي آخري ساهه تائين سنڌ سان بي انتها محبت جو اظهار ڪيو ۽ پنهنجي فڪر ۽ گيتن وسيلي سنڌ جي درد کي آواز ڏنو. سڄي سنڌ ۾ استاد جا هزارين شاگرد آهن. جيڪي اڄ وڏا شاعر. فنڪار ۽ موسيقار بڻجي چڪا آهن. استاد بخاري نفيس گلاب جي گل وانگر نازڪ. معصوم ۽ نفيس طبيعت وارو انسان هو. پر سندس شاعريءَ ۾ باهه جهڙو جوش. انقلابي سوچ ۽ مزاحمت جو پيغام موجود آهي تاج جويي وڌيڪ چيو ته استاد بخاري رڳو هڪ شاعر نه. پر هڪ فڪر ۽ نظريي جو نالو آهي. هن سڄي زندگي سنڌ ڌرتيءَ جي دردن. سورن. سونهن ۽ غريب طبقي جي مسئلن کي پنهنجي شاعريءَ جو موضوع بڻايو. اڄ به سنڌ سان محبت ڪندڙ ماڻهو دنيا جي مختلف حصن ۾ استاد جا گيت وڏي شوق سان ٻڌن ۽ جهونگارين ٿا. سندس شاعري سمنڊ وانگر وسيع آهي. جنهن ۾ ڌرتيءَ. حسن. عشق. پکين. وطن. فطرت ۽ سماج جي هر طبقي جو ذڪر ملي ٿو. استاد بخاري جسماني طور اسان کان جدا ضرور ٿيو. پر سندس فڪر. شاعري ۽ پيغام اڄ به سنڌ ۾ زنده آهن. دادو کي "جادو" سڏڻ پٺيان به استاد بخاريءَ جي شاعريءَ ۽ شخصيت سان عوام جي گهري محبت جو وڏو حوالو موجود آهي. ممتاز پنڊ چيو ته استاد بخاريءَ جي ورسيءَ جي تقريب سندس عظمت. فڪر ۽ عوامي مقبوليت جو ثبوت آهي. استاد بخاري ۽ سنڌ جي محبت جو رشتو هڪ اٽل حقيقت آهي تقريب دوران سنڌ جي ناميارا موسيقار عرفان سمون کي استاد بخاري مجتا ايوارڊ پيش ڪيو ويو. جڏهن ته سنڌ جي مختلف علائقن مان آيل اديبن. شاعرن ۽ فنڪارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري عظيم عوامي شاعر کي ڀيٽا ڏني تقريب ۾ سنڌ جي مشهور راڳين منظور سخيراڻي. زوار فقير. اسلم راهي. قادر سنڌي. مهڪ ماروي. خادم سخيراڻي. سجاد سولنگي. فقير عمران. حبدار سخيراڻي. ٻالڪ سنڌي. احسن سخيراڻي. بشير سولنگي. دلدار اوٺو. آزاد پتو. سجاد يوسف ۽ ٻين راڳين استاد بخاريءَ جا مشهور گيت ڳائي محفل کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا. موسيقي. شاعري ۽ محبت سان ڀرپور اها تقريب پرهه ڦٽيءَ تائين جاري رهي. جتي هزارين ماڻهن جي شرڪت ثابت ڪيو ته استاد بخاريءَ جو فڪر ۽ شاعري اڄ به سنڌ جي دلين ۾ زنده آهن

بقايا عوامي سوچ 18

ڪري ويو سندس جنازي نماز ۾ اڳوڻو ضلعي ناظم سيد شفقت حسين شاهه شيرازي ايم پي اي شاهه حسين شاهه شيرازي پ پ اڳواڻ لطيف ميمڻ پاشا شاهه شيرازي واپاري اڳواڻ حافظ رياض ميمڻ سيٺ پوڙهو ميمڻ سينيئر صحافي حنيف ملاح امتياز ميمڻ غفار ٻارڻ سميت سياسي سماجي شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي آخري رسمون اباڻي قبرستان ۾ ادا ڪيون

بقايا عوامي سوچ 19

ي سماجي اڳواڻن تي مشتمل ميڙ منٿ امن19 قافلو ٻنهي ڌرين وٽ پهتو ٻنهي ڌرين پاران ميڙ منٿ قافلي کي سٺي موٽ تفصيل موجب ميرپور ماٿيلو ويجهو ڳوٺ صديق ڪلوڙ ۾ ڪلوڙ برادري جي ٻن ڌرين وڏيرڙي حسام ڪلوڙ ۽ محمد عمر ڪلوڙ جي ڌرين ۾ هلندڙ تڪرار جي نبيري لاءِ سول سوسائٽي سيد صحافين سياسي سماجي اڳواڻن سميت قوم پرست اڳواڻن مشتمل ميڙ منٿ امن قافلو جسقم اڳواڻ فقير رمضان ڪلوڙ سيد شعيب شاهه الله وسايو وسير برڪت ميراڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ مقدس ڪتاب شاهه جو رسالو کڻي ٻنهي ڌرين وٽ پهتو ان موقعي تي ميڙ منٿ قافلي کي خطاب ڪندي فقير رمضان ڪلوڙ ۽ ٻين جو چوڻ هو ته قبيلائي تڪرار هڪ ناسور آهن جنهن ڪري ڪيترائي ويڙها ويران ٿي ويندا آهن هن وقت پهريان به سنڌ ڌرتي تي هر طرف کان ڏکيو وقت آهي اسان ٻنهي ڌرين کي قرآن شاهه جو رسالو سان گڏ پهچي هٿ ٻڌي اپيل ڪيون ٿا ته ٻئي ڌريون پاڻ ۾ ويهي فيصلو ڪيو وڌيڪ هڪ ٻئي جو نقصان نه ڪيو جنهن تي ٻنهي ڌرين وڏيري حسام ڪلوڙ ۽ محمد عمر ڪلوڙ پاران ميڙ منٿ قافلي کي سٺي موٽ ڏيندي جلد فيصلي جي تاريخ رکڻ لاءِ راضپو ڏيکاريو ياد رهي ته ڪلوڙ برادري جي ٻن ڌرين ۾ هلندڙ چڪتاڻ سبب به ڏينهن اڳ ٿيل فائرنگ ۾ وڏيري حسام ڪلوڙ جان محمد ڪلوڙ سميت وڌيڪ چار ماڻهون گوليون لڳڻ سبب زخمي ٿي پيا هئا جنهن بعد گهوٽڪي ضلعي جي سياسي سماجي اڳواڻن پاران ٻنهي ڌرين کي ڪير ڪنڊ ڪرڻ لاءِ ميڙ منٿ قافلو موڪليو ويو ٻي پاسي ڪلوڙ برادري جي ٻن ڌرين ۾ گزريل هڪ سال کان هلندڙ تڪرار جي نبيري لاءِ ضلعي انتظاميہ توڙي جو گهوٽڪي ضلعي جي چونڊيل نمائندن ضلع ڪائونسل چيئرمين بنگل خان مهر يا وائيس چيئرمين مير بابر علي خان لنڊ پاران ڪو به قدم نه کنيو ويو هيو

بقايا عوامي سوچ 20

کان گم ٿي ويو آهي. جنهن سبب سندس وارث سخت پريشاني ۾ آهن. وارثن جو چوڻ موجب نوجوان صبح جو موٽرسائيڪل جي مستري جي دڪان تي ڪم لاءِ ويو. جتان هو گم ٿي ويو آهي. وارثن پاران نوجوان جي ڪافي ڳولا ڪئي وئي. پر سندس ڪو به پتو پئجي نه سگهيو آهي. وارثن واقعي بابت اڏيرولال وليج ٿاڻي تي پڻ اطلاع ڏئي ڇڏيو آهي. هنن لاڳاپيل ادارن ۽ شهرين کي اپيل ڪئي آهي ته نوجوان جي ڳولا ۾ مدد ڪئي وڃي ۽ جيڪڏهن ڪنهن کي سندس باري ۾ ڪا ڄاڻ ملي ته وارثن يا پوليس کي اطلاع ڏنو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 21

هن. جڏهن ته گهٽين ۽ رستن تي گهمندڙ ڪتن سبب معصوم ٻارن. بزرگن ۽ نمازين جي اچ وڃ غير محفوظ بڻجي وئي آهي. علائقي واسين موجب آوارہ ڪتا ماڻهن جي پويان ڀونڪندي کين ڏاڙهڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. جنهن ڪري خاص طور صبح سوير گهرن کان ٻاهر نڪرندڙ شهرين ۾ خوف پکڙيل آهي. رهواسين جو چوڻ آهي ته فجر جي نماز لاءِ مسجدن ڏانهن ويندڙ نمازين کي به آوارہ ڪتن سبب پريشانين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. جڏهن ته ٻارن کي گهرن کان ٻاهر موڪلڻ وقت والدين کي هر وقت ڪنهن اڻٽڻندڙ واقعي جو خدشو رهي ٿو آوارہ ڪتن جي وڌندڙ آزار سبب علائقي ۾ روزمرهه جي زندگي متاثر ٿي رهي آهي. پر مسئلي جي حل لاءِ اثرائتي قدم کڻڻ جي ضرورت محسوس ڪئي پئي وڃي. علائقي واسين لاڳاپيل انتظاميا کان سوال ڪيو آهي ته عوام جي جان ۽ سلامتيءَ سان لاڳاپيل هن مسئلي تي ڌيان ڏيڻ لاءِ ڪنهن وڏي حادثي جو انتظار ڇو ڪيو وڃي؟ هنن چيو ته آوارہ ڪتن جي آزار کي معمولي مسئلو سمجهي نظرانداز ڪرڻ بدران بروقت قدم کڻڻ ضروري آهي. جيئن ڪنهن به شهري، خاص ڪري معصوم ٻار کي نقصان پهچڻ کان بچائي سگهجي. فقيرا ڳوٺ جي رهواسين ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن سهراب ڳوٺ. ڊپٽي ڪمشنر ويسٽ ڪراچي ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته يوسي نمبر 7 ۾ آوارہ ڪتن خلاف فوري ۽ اثرائتي مهم شروع ڪئي وڃي. ڪتن کي انساني آباديءَ کان محفوظ طريقي سان هٽائڻ سان گڏ ويڪسينيشن ۽ ٻين مناسب قدمن ذريعي مسئلي جو مستقل حل ڪڍيو وڃي. رهواسين اختيارين کي اپيل ڪئي آهي ته عوامي شڪايت جو سنجيدگيءَ سان نوٽيس وٺي عملي ڪارروائي ڪئي وڃي. جيئن فقيرا ڳوٺ جي رهواسين، نمازين ۽ معصوم ٻارن کي خوف واري ماحول مان نجات ملي سگهي

بقايا عوامي سوچ 22

ڪريم گيو اڍيجو . سبحان فاروقي . مرتضيٰ ڪنيار. سليمان سومرو. اڪبر ابڙو . ۽ ٻين شهرين پاڪ فوج زنده باد پاڪستان زند باد جا نعرا هڻندي ريلي جي شڪل ۾ نيشنل پريس ڪلب بدين پهتا ۽ اڳواڻن پنهنجي موقف ۾ چيو ته ڪي پي ڪي ۾ روزمراهه جي زندگي متاثر ٿي رهي هئي ڪاروبار تباهه ٿي رهيو هو حڪومت پاران گورنر راڄ لڳائي انهن کي روڪڻ جي عمل کي ساراهيو ٿو وڃي ۽ اسان اهڙي عمل جي حمايت ڪندي حڪومت پاڪستان کي سلام ٿا پيش ڪريون جن فلفور نوٽس وٺي دهشت گردي کي پنجو ڏنو.

بقايا عوامي سوچ 23

ول بيچلر آف بزنس ايڊمنسٽريشن (BBA)، بيچلر آف ڪمپيوٽر سائنس (BCS)، بيچلر آف اڪائونٽنگ اينڊ فنانس ۽ بيچلر آف انگلش لئنگئيج اينڊ لٽريچر ۾ انڊرگريجوئيٽ پروگرامن جي داخلا لاءِ پري_اينٽري ٽيسٽ 2027 (PET) جو ڪاميابيءَ سان انعقاد ڪيو ويو. لاڙ ڪيمپس بدين جي ڪيمپس ڪوآرڊينيٽر ڊاڪٽر محمد طفيل چانڊيو ٽيسٽ سينٽر جو دورو ڪري انتظامن جو ذاتي طور جائزو ورتو. هن بهترين تيارين ۽ امتحاني عمل کي خوش اسلوبيءَ سان مڪمل ڪرائڻ تي عملي ۽ منتظم ٽيم جي ڪوششن کي ساراهيو. سمورن شعبن جي 240 دستياب سيٽن لاءِ مقابلو ڪندڙ ڪل 416 اميدوارن ٽيسٽ لاءِ درخواست ڏني. جن ۾ 295 شاگرد ۽ 121 شاگرديائيون شامل هيون. ڊپارٽمينٽ آف اڪائونٽنگ. فنانس اينڊ مئنيجمينٽ جي هيڊ ڊاڪٽر عبدالقادر پاتوليءَ ڪمپيوٽر سائنس شعبي جي هيڊ ڊاڪٽر ڪرشن ڪمار لوهاڻا هيڊ انويجليٽر طور نگراني ڪئي. سڪيورٽي انتظامن جي نگراني بزنس ايڊمنسٽريشن شعبي جي هيڊ ۽ ڪيمپس جي سڪيورٽي انچارج ڊاڪٽر خليل الرحمان پٽي ڪئي. جن سمورن شريڪن جي تحفظ ۽ سلامتيءَ کي يقيني بڻائڻ لاءِ پوليس عملدار مقرر ڪيا هئا. هال مئنيجمينٽ ڪميٽي جي انچارج ڊاڪٽر عظيم اختر ٽيسٽ هالز. ويهڻ جي انتظامن ۽ سيٽ نمبرنگ جو انتظام سنڀاليو ته جيئن امتحاني عمل انتهائي باضابطه طريقي سان هلي سگهي. اسسٽنٽ رجسٽرار مسٽر هادي بخش ڪيريو ڪنهن به طبي ايمرجنسيءَ جي منهن ڏيڻ لاءِ ايمبولينس ۽ ميڊيڪل ٽيم الرٽ رکڻ جي حوالي سان هيلٿ ڊپارٽمينٽ سان رابطاڪاري ڪئي. هن اميدوارن لاءِ پيئڻ جي صاف پاڻيءَ ۽ ٻين بنيادي سهولتن جو به انتظام ڪيو. جنهن جي نتيجي ۾ ٽيسٽ پرامن ۽ بنا ڪنهن رڪاوٽ جي پڄاڻيءَ تي پهتي. سنڌ يونيورسٽي لاڙ ڪيمپس بدين پنهنجي داخلا جي سمورن مرحلن دوران اعليٰ تعليمي معيار ۽ شاگردن جي ڀلائيءَ کي برقرار رکڻ لاءِ پرعزم آهي

بقايا عوامي سوچ 24

ي چوري ٿيل نقدي ۽ ٻيو سامان برآمد ڪرائڻ جو وعدو مينيجر جي پاسي ۾ سندس ڀاءُ جي گهر مان نو لک روپيا چوري ٿيندي يارنهن مهينا گذري ويا چور گرفتار ٿيا نه چوري ملي تفصيل موجب زرعي ترقياتي بيڪ ٽنڊو باگو برانچ جو مينيجر ۽ بدين جي واپاري ميمڻ برادري سان لاڳاپيل شهري محمد سليم ميمڻ ڇنڇرواري ڏينهن هڪ وڳي ڌاري پنهنجي گهرڀاتين ساڻ حيدرآباد ويل هو ۽ آچر واري رات پوڻا ٻ وڳي ڌاري حيدرآباد کان بدين پنهنجي گهر پهتا ته گهر جي هڪ ڪمري جي ڏري جي جاري ٽٽل هئي ۽ الماري جا دروازا پڻ ٽٽل هئا ۽ الماري مان ستر هزار روپيا پاڪستاني ڪرنسي ۽ ڇهه هزار سعودي ريال ۽ ملڪ پگ اٺ تولا سون جا زيور هڪ قيمتي گهڙي ۽ سندس نياڻي جو موبائل فون غائب هئا سليم ميمڻ بدين پوليس کي اطلاع ڪيو جنهن تي بدين سٽي پوليس ٿاڻي جو وڏونشي مشتاق جکرو سپاهه سميت پهتو ۽ هن جاچ ڪري ويو ٻئي ڇنڇر ڏينهن تي ايس ايڇ او علاوالدين خاصخيلي پڻ سليم ميمڻ جي گهر پهچي کيس کان تفصيل معلوم ڪرڻ ڪانپوءِ يقين ڏياريو ته تمام جلد جوابدارن کي گرفتار ڪري چوري ٿيل نقد رقم سميت سمورو سامان برآمد ڪرايو ويندو ياد رهي ته يارنهن مهينا اڳ سليم ميمڻ جي گهر جي پاسي ۾ سندس ڀاءُ ڪپڙي جو واپاري ۽ بدين جو سينئر صحافي محمد اسلم ميمڻ جي گهر مان نو لک روپيا نقدي اهڙي هي طريقي سان چوري ٿي ويا آهن پر يارنهن مهينا گذرڻ ڪانپوءِ به نه اها چوري واپس ٿي نه چور گرفتار ٿيا آهن بدين شهر ۾ وڌندڙ چورين سبب شهرين ۾ سخت تاءُ پکڙيل آهي

بقايا عوامي سوچ 25

ڪرو ٿيڻ لڳو عام شهري ۽ عوام کي سنڌ حڪومت پاران سبسڊي نه ملڻ سبب سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئي رهيو آهي هڪ مزدور سڄو ڏينهن مزدوري ڪري هڪ هزار روپيا ڪمائي ٿو اهو اٽو وٺي يا استعمال جو ٻيو راشن وٺي سگهي جڏهن ته سبزي توڙي ٻيو سامان پڻ هر چوڪ تي ريٽ الڳ الڳ آهن ضلعي انتظاميہ کي تحريڪ وٺڻ گهرجي عام غريب شهري جي زندگي مهانگائي سبب مفلوج ٿي رهي آهي

بقايا عوامي سوچ 26

ڪاٺي جي چيئرمين اصغر خان مهر، وائيس26چيئرمين عطا محمد ڪورائي، جنرل سيڪريٽري احمد بخش ڪورائي، جوائنٽ سيڪريٽري احمد خان مهر، پريس سيڪريٽري علي مدد ڪورائي، انفارميشن سيڪريٽري امتياز علي لهر، آفيس سيڪريٽري فدا حسين مهر سميت علائقي جي معززن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي يوسي وڏا مهر جي مختلف ڳوٺن سميت آس پاس جي ڳوٺن سان واسطو رکندڙ 120 غريب، مسڪين ۽ بي پهچ ماڻهن وچ ۾ راشن تقسيم ڪيو ويو ميڊيا سان ڳالهائيندي تنظيم جي اڳواڻن چيو ته اسان پنهنجي مدد پاڻ تحت ڀلائي واري ڪمن جي شروعات ڪئي آهي. جنهن ۾ اڄ اسين 120 خاندانن کي راشن ڏنو آهي. ان کان علاوه اسان جي تنظيم جي پليٽ فارم تان بي پهچ ماروئڙن کي صحت، تعليم سميت ٻيون بنيادي سهولتون مهيا ڪيون پيون وڃن. جڏهن ته تمام جلد ضلعي لاڙڪاڻي اندر غريب مسڪين ۽ بي پهچ ماڻهن کي سولر پليٽون. پڪا ڏيڻ سان گڏ اجتماعي شاديون ۽ طوهر سنت جا پروگرام پڻ منعقد ڪيا ويندا. جڏهن ته اسان هي عوامي ڀلائي ۽ مدد واري ننڍڙي ڪوشش جي شروعات ڪئي آهي. جنهن کي اڳتي تمام وسيع ڪنداسين ۽ غريب ماڻهن جي هرممڪن مدد ڪئي ويندي. جنهن سان الله پاڪ ۽ ان جي محبوب ڪريم جن جي ذات پڻ راضي ٿيندي.

بقايا عوامي سوچ 27

دودو ديشي. محمد علي خشڪ. مولا بخش قلپوٽو. منور نوناري. راجا سومرو. غلام شبيرحيدري. لياقت قلپوٽو. دلدار قلپوٽو ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري استاد اعجاز موريو جي پگهارن جي بحالي لاءِ زوردار نعربازي ڪئي. ان موقعي تي متاثر پرائمري استاد اعجاز موريو ميڊيا اڳيان دانهيندي چيو ته تعليم کاتي سنڌ بنا جواز گذريل 13 سالن کان سندس سروس آئي ڊي ۽ پگهارون بند ڪري ڇڏيون آهن. جنهن سبب هو پنهنجي خاندان سميت سخت معاشي مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيو آهي. هن چيو ته روزانو پابندي سان باڌهه کان 12 ڪلوميٽر پري ڳوٺ نورپور جي پرائمري اسڪول تائين مفاصلو طئي ڪري شاگردن کي تعليم ڏئي رهيو آهي. جڏهن ته سنعليم ڏئي رهيو آهي. جڏهن ته سنعليم ڏئي رهيو آهي. جڏهن ته سنعليم ڏئي رهيو آهي. جڏهن ته سندس بايوميٽرڪ حاضريءَ جو رڪارڊ فرض شناسيءَ جو واضح ثبوت آهي. پر ان باوجود سندس سروس آئي ڊي ۽ پگهارون بحال نه ٿيڻ سبب هو ۽ سندس خاندان سخت پريشاني ۾ مبتلا آهي. متاثر استاد اعجاز موريو سنڌ جي وزير تعليم. سيڪريٽري تعليم ۽ ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي ڊي اي او کان مطالبو ڪيو ته سندس سروس آئي ڊي ۽ رهيل پگهارون فوري طور بحال ڪري کيس خاندان سميت فاقاڪشي کان بچايو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 28

7 اميدوارن حصو ورتو. انهن ۾ 7 هزار 562 ڇوڪرا ۽ 3 هزار 245 ڇوڪريون شامل هيون. وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري (تمغہ امتياز) پريس بريفنگ دوران چيو ته سنڌ يونيورسٽي ۾ داخلا مڪمل ميرٽ جي بنياد تي ڏني ويندي ۽ سمورو نظام ڪمپيوٽرائيزڊ آهي. هن اميدوارن ۽ والدين کي هدايت ڪئي ته هو افواهن تي ڌيان ڏيڻ بدران ميرٽ لسٽن جو انتظار ڪن. هن ٻڌايو ته ٻنهي مرحلن. بي ايس ٽئين سال ۽ ماسٽرز پروگرامن سميت داخلا لاءِ درخواست ڏيندڙ اميدوارن جو مجموعي انگ 22 هزار 580 آهي. جيڪو يونيورسٽي تي شاگردن جي اعتماد جو ثبوت آهي. ٻئي مرحلي ۾ مين ڪيمپس ڄامشورو ۾ 9 هزار 773 اميدوارن ٽيسٽ ڏنو ٽيسٽ دوران سيڪيورٽي. ٽرانسپورٽ. طبي امداد ۽ رهنمائي جا انتظام ڪيا ويا. جڏهن ته 200 کان وڌيڪ رضاڪارن اميدوارن جي سهولت لاءِ خدمتون سرانجام ڏنيون. والدين يونيورسٽي انتظامي

بقايا عوامي سوچ 29

چانڊيو جي پڦي جي وفات تي وارثن سان تعزيت ڪئي. ان موقعي تي نوابزاده ريحان خان چانڊيو ۽ نوابزاده لشڪر خان چانڊيو وارثن سان ڏک جو اظهار ڪندي مرحوم جي مغفرت ۽ بلند درجات لاءِ دعا گهري. ساڻس سان پ پ تعلق صدر رياض الدين ابڙو طارق حسين راڏاڻي علي نواز کهاوڙ فقير نبي بخش چانڊيو ۽ ٻيا گڏ هئا

بقايا عوامي سوچ 30

اسي تلاءَ ۾ ٻڏي فوت ڳاجي کهاوڙ پرسان ڳوٺ خان محمد کهاوڙ جا رهواسي 2 ٻائر 10 ورهين جو دانش شابراڻي ۽ 6 ورهين جو وقاص شابراڻي پٽ عنايت الله شابراڻي پنهنجي گهرڀاتين سان گڏ ڳوٺ مانجهي جويو گهمڻ ويا هيا ته ڳوٺ مانجهي جويو پرسان پاڻي جي تلاءَ ۾ 2 ٻائر دانش شابراڻي ۽ وقاص شابراڻي ٻڏي فوت ٿي ويا جن کي ٻن ڪلاڪن جي ڳولا بعد ٻن ٻائرن جا لاش تلاءَ مان ڪڍيا ويا جن کي وارهه اسپتال پهچايو ويو جتي ضروري ڪارروائي بعد نينگرن جا لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو آهي. نينگرن جي امڙ کي بيهوشي جا دورا پئجي ويا آهن. فوتي نينگرن جي وارثن ٻڌايو ته 2 ٻائر گهرڀاتين سان گڏ ناناڻن جي ڳوٺ مانجهي جويو گهمڻ ويا هيا جيڪي اچانڪ گم ٿي ويا جن جي ڳولا ڪئي ته دانش ۽ وقاص جا لاش پاڻي جي تلاءَ مان مليا جن جا لاش گهر آندا ويا ٻئي طرف نينگرن جا لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

رپورٽر جي مقرري جو اعلان

روزاني عوامي سوچ اخبار لاءِ متياري تعلقي تي غلام نبي چتو کي رپورٽر مقرر ڪيو ويو آهي خبرن ۽ اشتهارن لاءِ ساڻس رابطو ڪندا

غلام نبي چتو
موبائل نمبر 03063568374
(ادارو)

رپورٽر جي مقرري جو اعلان

روزاني عوامي سوچ ڪراچي پاران شهباز علي مگسي کي تعلقو بلڙي شاهه ڪريم لاءِ تعلقي رپورٽر مقرر ڪيو ويو آهي خبرن، ۽ اشتهارن جي لا سندس هيٺ ڏنل نمبر تي رابطو ڪري سگهجي ٿو

03123840677 (ادارو)

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر

روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.

رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

مٺي: يومِ نجات جي موقعي تي پاڪ فوج سان يڪجهتي ريلي، پاڪستان زنده آباد جا نعرا

يومِ نجات جي موقعي تي ضلعي ٿرپارڪر جي سول سوسائٽي پاران پاڪ فوج ۽ رياستِ پاڪستان سان يڪجهتيءَ جي اظهار لاءِ ريلي

ريلي ڪشمير چوڪ مٺي کان شروع ٿي ۽ مختلف رستن کان ٿيندي صادق فقير چوڪ تي پهتي

جتي ريلي پڄاڻيءَ تي پهتي، ريليءَ جي شرڪت ڪندڙن هٿن ۾ قومي جهنڊا ۽ پينا فليڪس بينر کنيل هئا

مٺي (ڊ ر محمدرحيم مگريو)مٺي: يومِ نجات جي موقعي تي پاڪ فوج سان يڪجهتي ريلي، پاڪستان زنده آباد جا نعرا يومِ نجات جي موقعي تي ضلعي ٿرپارڪر جي سول سوسائٽي پاران پاڪ فوج ۽ رياستِ پاڪستان سان يڪجهتي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

شهر جي سماجي، واپاري ۽ مذهبي حلقن ۾ ڳڻتي ۽ ڪاوڙ پکڙجي وئي

روهڙي (رپورٽ : جمال ڪٽپر) روهڙي پوسٽ آفيس ۾ مبينا بدانتظامي پوسٽ ماسٽر سميت عملي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

حيدرآباد روڊ تي چنگچي رڪشا ڊرائيور تي تشدد واري واقعي ۾ ٽئي ڌر جو موقف به سامهون اچي ويو

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) ٽائون ٽاڻي جي حد ۾ حيدرآباد روڊ تي چنگچي رڪشا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

سنڌ يونيورسٽي ڪيمپس ٺٽي ۾ 2027ع جي داخلائن لاءِ انٽري ٽيسٽ

ڪيمپس ۾ وڌيڪ 10 ڪلاس رومز، لاجون ڪلاسون شروع ڪرڻ ۽ شاگردن لاءِ بس سروس جي ضرورت آهي: پرو وائيس چانسلر ڊاڪٽر مصباح بي بي

سنڌ يونيورسٽي ڪيمپس ٺٽي ۾ سال 2027ع لاءِ مختلف شعبن ۾ داخلائن جي سلسلي ۾ انٽري ٽيسٽ ورتي وئي

جنهن ۾ ضلعي ٺٽي جي مختلف علائقن سان تعلق رکندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو)سنڌ يونيورسٽي ڪيمپس ٺٽي ۾ 2027ع جي داخلائن لاءِ انٽري ٽيسٽ، شاگردن ۽ شاگردياڻين جي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪيمپس ۾ وڌيڪ 10 ڪلاس رومز، لاجون ڪلاسون شروع ڪرڻ ۽ شاگردن لاءِ بس سروس جي ض/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

ڊويزن جي تعليمي ادارن ۾ سول ڊفينس آگاهي ۽ فائر سيفٽي مهم 15 آڪٽوبر کان شروع ٿيندي

15 آڪٽوبر 2026ع کان ڊويزن جي سمورن سرڪاري ۽ خانگي تعليمي ادارن ۾ آگاهي ۽ تربيتي مهم شروع ڪئي ويندي

هنگامي حالتن ۾ عمارت مان محفوظ نڪرڻ ۽ ٻين ضروري حفاظتي اپائن بابت بنيادي تربيت فراهم ڪندين

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) ڊويزن جي تعليمي ادارن ۾ سول ڊفينس آگاهي ۽ فائر سيفٽي مهم 15 آڪٽوبر کان شروع ٿيندي ميرپورخاص/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

ٺٽي ۾ مهانگائي چوٽ چڙهي وئي، اٽو 200 رپيا ڪلو وڪرو

بجلي، گئس ۽ پاڻي جي بحران عوام جون پريشانيون وڌائي ڇڏيون

هيومن رائٽس پروٽيڪشن اينڊ سوشل جسٽس، ۽ سول سوسائٽي جو حڪومتي بي ڌيانيءَ تي ڳڻتيءَ جو اظهار

پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ سان گڏ روزمره جي استعمال وارين شين جون قيمتون به وڌي ويون

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ٺٽي ۾ مهانگائي چوٽ چڙهي وئي، اٽو 200 رپيا ڪلو وڪرو، بجلي، گئس ۽ پاڻي جي بحران عوام جون پريشانيون وڌائي ڇڏيون، هيومن رائٽس پروٽيڪشن اينڊ سوشل جسٽس، ۽ سول سوسائٽي جو حڪومتي بي ڌيان/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

طلاق باوجود عورت جي گهر ۾ رهڻ واري معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف فراهم ڪيو وڃي: سيد مظفر شاهه شيرازي

ٺٽي جي رهواسي سيد مظفر شاهه شيرازي ايوانِ صحافت پريس ڪلب ٺٽو ۾ پريس ڪانفرنس

چار سال اڳ شاهه ڪريم پرسان ڳوٺ جناڻ سومرو جي رهواسي مير محمد شاهه جي ڌيءَ سان سندس نڪاح ٿيو هو

طلاق ڪانپوءِ به ڇاڻايل عورت زبردستي سندس گهر ۾ اچي رهڻ لڳي آهي، جنهن سبب هو پريشانين ڪي منهن ڏئي رهيو آهي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) طلاق باوجود عورت جي گهر ۾ رهڻ واري معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف فراهم ڪيو وڃي: سيد مظفر شاهه شيرازي ٺٽي جي رهواسي سيد مظفر شاهه شيرازي ايوانِ صحافت پريس ڪلب ٺٽو ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

ذهني صحت جو خيال رکڻ هر انسان لاءِ ضروري آهي: سيده قرت العين شاهه

ڄامشورو (رپورٽر) عالمي ذهني صحت جي ڏهاڙي جي موقعي تي وومين ڪمپلينٽ سيل ۽ سيف هائوس ضلعي ڄامشورو جي انچارج ۽ ماهر نفسيات سيده قرت العين شاهه پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته ذهني صحت رکو هڪ طبي اصطلاح نه، پر انساني وقار، بهتر زندگي ۽ ذهني توازن جو بنيادي حصو آهي. ذهني صحت جو /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

جنگشاهي ويجهو ست ياڳي چار جي اڳئين مڪان مان نوجوان يامين شورو گذريل ٽن هفتن کان پراسرار نموني گم ٿيڻ بعد سندس وارث سخت پريشان

جن پاران گهڻي ڳولا ڪرڻ باوجود نوجوان جي هٿ نه اچڻ تي وارثن ڪيس اغوا ڪرڻ جو شڪ ظاهر

گم ٿي ويل نوجوان جي ڳولا توڙي مبينا بازيابي ۾ مدد جي اپيل ڪري ڇڏي آهي

مڪان ڪوهستان 7/4 جنگشاهي ۾ پنهنجي ڪوهستاني زمين تي ڪم ڪار ڪرڻ دوران پراسرار طور گم ٿي ويو

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ٺٽي جي ڪوهستان علائقي جنگشاهي ويجهو ست ياڳي چار جي اڳئين مڪان مان نوجوان يامين شورو گذريل ٽن هفتن کان پراسرار نموني گم ٿيڻ بعد سندس وارث سخت پريشان اهن. جن پاران گهڻي ڳولا ڪرڻ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

اڏيرو لال واسي نوجوان لاپتا، وارث سخت پريشان، ڳولا ۾ مدد جي اپيل

اڏيرولال وليج جو رهواسي نوجوان اِوي ڪمار ولد ليمومل مينگهواڙ اڄ صبح کان گم ٿي ويو

نوجوان موٽرسائيڪل جي مستري جي دڪان تي ڪم ڪندو هو، جتان هو گم ٿي ويو

وارثن پاران نوجوان جي ڪافي ڳولا ڪئي وئي، پر سندس ڪو به پتو پئجي نه سگهيو آهي

اڏيرو لال (رپورٽ ثاقب نور ساهووال) اڏيرو لال واسي نوجوان لاپتا، وارث سخت پريشان، ڳولا ۾ مدد جي اپيل اڏيرو لال: اڏيرولال وليج جو رهواسي نوجوان اِوي ڪمار ولد ليمومل مينگهواڙ اڄ صبح کان گم ٿي ويو آهي، جنهن سبب سندس وارث سخت /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

پ پ ايم پي اي عادل الطاف حسين انڙ ڏوڪري پهتو

مختلف برادرين جي معززين ۽ پارٽي ڪارڪنن وٽ پهچي فوت ٿيلن جي وارثن سان تعزيت ۽ فاتحه خواني ڪئي ۽ ڏک جو اظهار ڪيو

ڏوڪري ۽ باقراڻي تعلقن ۾ ترقياتي ڪمن جو جائزو ورتو ويو آهي تعليم، صحت ۽ روڊن رستن جي بهتري لاءِ پڻ قدم کنيا ويا آهن

ڏوڪري(رپورٽر) پ پ ايم پي اي عادل الطاف حسين انڙ ڏوڪري پهچي مختلف برادرين جي معززين ۽ پارٽي ڪارڪنن سان وارثن جي وڇوڙي تي تعزيتون ڪيون، تفصيل موجب پ پ ايم پي اي عادل الطاف حسين انڙ ڏوڪري ۾ پنهنجي تڪ اندر مختلف برادرين جي معززين ۽ پارٽي ڪارڪنن وٽ پهچي فوت ٿيلن جي وارثن سان تعزيت ۽ فاتحه خواني ڪئي ۽ ڏک جو اظهار ڪيو /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

دڙو ۾ يارهين شريف ۽ دستاربنديءَ جي سلسلي ۾ عظيم الشان ديني اجتماع منعقد

جماعت قادريه جيلانيه مرڪز مڪليءَ جي روحاني پيشوا حضرت پير سيد غلام رضواني شاهه جيلاني ڪئي

ان موقعي تي حضرت پير سيد غلام رضواني شاهه جيلاني خطاب

دڙو (رپورٽر) دڙو جي ارباب شادي هال ۾ يارهين شريف ۽ دستاربنديءَ جي سلسلي ۾ هڪ وڏي ۽ پررونق ديني اجتماع منعقد ڪيو ويو، جنهن جي صدارت ۽ خصوصي خطاب جماعت قادريه جيلانيه مرڪز مڪليءَ جي روحاني پيشوا حضرت /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

فقيرا ڳوٺ ۾ رولو ڪتن جو آزار، رهواسي خوف ۾ مبتلا، انتظاميا کان تدارڪ جو مطالبو

فجر جي نماز لاءِ ويندڙ نمازين ۽ معصوم ٻارن کي ڪتن جي ڏاڙهڻ جو خطرو

يوسي 7 ۾ هنگامي بنيادن تي مهم هلائڻ جي گهر

ڪراچي (رپورٽر)سهراب ڳوٺ ٽائون جي يوسي نمبر 7 فقيرا ڳوٺ ۾ آواره ڪتن جو آزار وڌي وڃڻ سبب رهواسي سخت پريشانيءَ ۾ مبتلا ٿي ويا /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

اڏيرولال وليج جو رهواسي نوجوان اِوي ڪمار ولد ليمومل مينگهواڙ اڄ صبح کان گم ٿي ويو

جنهن سبب سندس وارث سخت پريشاني ۾ آهن. وارث

نوجوان صبح جو موٽرسائيڪل جي مستري جي دڪان تي ڪم لائي ويو

ٽنڊو اللهيار (رپورٽر غلام نبي چنو)اڏيرو لال واسي نوجوان لاپتا، اڏيرو لال: اڏيرولال وليج جو رهواسي نوجوان اِوي ڪمار ولد ليمومل مينگهواڙ اڄ صبح/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

ميرپور ماٿيلو ڪلوڙ برادري جي ٻن ڌرين ۾ هلندڙ تڪرار جي نبيري لاءِ ميڙ منٿ امن قافلو

ميرپور ماٿيلو ڪلوڙ برادري جي ٻن ڌرين ۾ هلندڙ تڪرار جي نبيري لاءِ ميڙ منٿ امن قافلو

مقدس ڪتاب شاهه جو رسالو کڻي ٻنهي ڌرين وٽ پهتوان موقعي تي ميڙ منٿ قافلي کي خطاب

ميرپور ماٿيلو (رپورٽر) ميرپور ماٿيلو ڪلوڙ برادري جي ٻن ڌرين ۾ هلندڙ تڪرار جي نبيري لاءِ سول سوسائٽي قوم پرست اڳواڻن صحافين سياس/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

وڏيرو محمد ٻارڻ جو سوٽ عيسيٰ ٻارڻ ڪجھ عرصو بيمار رهڻ بعد وفات ڪري ويو

سياسي سماجي شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي آخري رسمون اباڻي قبرستان ۾ ادا ڪيون

سجاول)رپورٽ امتياز ميمڻ (وڏيري حسين ٻارڻ ڊاڪٽر عزيز ٻارڻ جو ڀاءُ ۽ وڏيرو محمد ٻارڻ جو سوٽ عيسيٰ ٻارڻ ڪجھ عرصو بيمار رهڻ بعد وفات/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

ڀٽائي پيو ڀٽائي پيو، استاد بخاري سنڌ جو روح ۽ عوامي آواز آهي: دادو ۾ 34 هين ورسيءَ جي تقريب

هزارين پرستارن جي شرڪت، قومي ۽ عوامي شاعر استاد بخاريءَ جي شاعريءَ ۾ پورهيتن جو درد

سنڌ سان محبت، انقلاب ۽ سونهن جو ڀرپور اظهار ٿيل آهي: الطاف شاهه بخاري، تاج جويو، عرفان سمون ۽ ٻين جا خطاب

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو ضلعي ڪائونسل جي پارڪ ۾ سنڌ جي سدا حيات قومي ۽ عوامي شاعر، سنڌي ۽ سرائيڪي ٻولين جي نا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

محمد يونس چاچڙ پاران ميرپور ماٿيلو ۾ پنهنجي آفيس جي قيام لاءِ افتتاحي پروگرام منعقد

مهمان خاص سنڌ بار ڪراچي جي صدر بئريسٽر ذوالفقار جلباڻي سميت وڏي انگ ۾ سينئر وڪيلن شرڪت

وڪيل برادري پاران ايڊووڪيٽ ذوالفقار جلباڻي جو شاندار استقبال ڪري مٿس گلن جي ورڪا پڻ ڪئي

ميرپور ماٿيلو(رپورٽر) ميرپور ماٿيلو تعلقي بار صدر جي ميمبر وڪيل محمد يونس چاچڙ پاران ميرپور ماٿيلو ۾ پنهنجي آفيس جي قيام لاءِ افتتاحي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

سنڌ جي وحدت ۽ وسيلن جي تحفظ لاءِ 15 آڪٽوبر تي لاڙڪاڻي ۾ ريلي ڪڍي ويندي: رياض چانڊيو

ايڊووڪيٽ امداد علي جويو، رڪ سنڌي، علي رضا جلباڻي، ارشاد علي ٻگهيو، ظهير بسمل، عمير جوڻيجو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

سنڌ جو شعور ۽ جدوجهد جي عنوان سان ليڪچر پروگرام ۾ شرڪت ڪئي ۽ ليڪچر پڻ ڏنو

ڏوڪري(رپورٽر(سنڌ جي وحدت ۽ وسيلن جي تحفظ لاءِ 15 آڪٽوبر تي لاڙڪاڻي ۾ ريلي ڪڍي ويندي رياض چانڊيو. تفصيل موجب جيئي س/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

DOKRI PRESS CLUB
ڏوڪري پريس ڪلب ضلعو لاڙڪاڻو
KTN

فقيرآباد لڳ ڳوٺ غوث بخش ڳاهو ۾ 18 سالا نوجوان مڇي جي تلاءَ ۾ ٻڏي فوت ٿي ويو

غوث بخش ڳاهو ڳوٺ پرسان مڇي جي تلاءَ تي ويو هو ته اوچتو پير ترڪڻ سبب تلاءَ ۾ ٻڏي ويو

فوتي نوجوان جو لاش وارثن حوالي ڪيو ويو. لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

فقيرآباد)رپورٽر عبدالرزاق شر(فقيرآباد لڳ ڳوٺ غوث بخش ڳاهو ۾ 18 سالا نوجوان مڇي جي تلاءَ ۾ ٻڏي فوت ٿي ويو. رپورٽ موجب ڳوٺ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

سول اسپتال ٺٽو ۾ ينگ ڊاڪٽرز ايسوسيئيشن (YDA) جي نئين باڊي چونڊجي وئي

لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي (LUMHS) طرفان ڊاڪٽرن جي تدريسي تربيت لاءِ ٽيچنگ اسپتال جو درجو حاصل

نئين باڊي جي چونڊ ضلعي جي چيف آرگنائيزر ڊاڪٽر ساجد شيخ جي نگرانيءَ ۾ ٿي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو)سول اسپتال ٺٽو ۾ ينگ ڊاڪٽرز ايسوسيئيشن (YDA) جي نئين باڊي چونڊجي وئي ٺٽو ضلعي ٺٽي جي وڏي ضلعي هيڊ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

بدين جي نوجوانن پاران ڪي پي ڪي جي دهشت گردن خلاف گورنر راڄ لڳائڻ جي حق ۾ ريلي ڪڍي وئي

اڪبر ابڙو ۽ ٻين شهرين پاڪ فوج زنده باد پاڪستان زند باد جا نعرا هڻندي ريلي جي شڪل ۾ نيشنل پريس ڪلب بدين پهتا

ڪي پي ڪي ۾ روزمراهه جي زندگي متاثر ٿي رهي هئي ڪاروبار تباهه ٿي رهيو هو حڪومت پاران گورنر راڄ لڳائي انهن کي روڪڻ جي عمل کي ساراهيو ٿو وڃي

اسان اهڙي عمل جي حمايت ڪندي حڪومت پاڪستان کي سلام ٿا پيش ڪريون جن فلفور نوٽس وٺي دهشت گردي کي ٻنجو ڏنو

بدين (رجب راهمون)جي نوجوانن پاران ڪي پي ڪي جي دهشت گردن خلاف گورنر راڄ لڳائڻ جي حق ۾ ريلي ڪڍي وئي. تفصيل بدين جي شهرين پاران ڪي پي ڪي ۾ دهشت گردي هئڻ خلاف حڪومت پاران گورنر راڄ لڳائڻ جي حق ۾ عبدال/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

بدين ۾ ڪامياب انعقاد سنڌ يونيورسٽي لاڙ ڪيمپس بدين پاران انڊر گريجوئيٽ داخلا لاءِ پري-اينٽري ٽيسٽ

لاڙ ڪيمپس بدين جي ڪيمپس ڪوآرڊينيٽر ڊاڪٽر محمد طفيل چانڊيو ٽيسٽ سينٽر جو دورو ڪري انتظامن جو ذاتي طور جائزو ورتو

هن بهترين تيارين ۽ امتحاني عمل کي خوش اسلوبيءَ سان مڪمل ڪرائڻ تي عملي ۽ منتظم ٽيم جي ڪوشش کي ساراهيو

سمورن شعبن جي 240 دستياب سيٽن لاءِ مقابلو ڪندڙ ڪل 416 اميدوارن ٽيسٽ لاءِ درخواست ڏني

بدين (رجب راهمون) بدين ۾ ڪامياب انعقاد سنڌ يونيورسٽي لاڙ ڪيمپس بدين پاران انڊرگريجوئيٽ داخلا لاءِ پري-اينٽري ٽيسٽ سنڌ يونيورسٽي لاڙ ڪيمپس بدين پاران آچر، 11 آڪٽوبر 2026ع تي مختلف شعبن بشر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

زرعي ترقياتي بينڪ جي مينيجر جي گهر مان لکين روپين جي چوري

بدين پوليس طرفان جوابدارنڪي جلد گرفتار ڪري چوري ٿيل نقدي ۽ ٻيو سامان برآمد ڪرائڻ جو وعدو

مينيجر جي پاسي ۾ سندس ڀاءُ جي گهر مان نو لک روپيا چوري ٿيندي ٻارنهن مهينا گذري ويا

بدين(رجب راهمون)زرعي ترقياتي بينڪ جي مينيجر جي گهر مان لکين روپين جي چوري بدين پوليس طرفان جوابدارنڪي جلد گرفتار ڪ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

بدين ۾ کاڌي پيتي جي شين جي اگهن ۾ تيزي سان اضافو ٿي ويو اٽو 170 روپيا ڪلو ٿي ويو

فلور مل تي اٽو 160 روپيا ڪلو وڪرو ٿيڻ لڳو عام شهري ۽ عوام کي سنڌ حڪومت پاران سبسڊي نه ملڻ سبب سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئي رهيو آهي

هڪ مزدور سڄو ڏينهن مزدوري ڪري هڪ هزار روپيا ڪمائي ٿو اهو اٽو وٺي يا استعمال جو ٻيو راشن وٺي سگهي

سبزي توڙي ٻيو سامان پڻ هر چوڪ تي ريٽ الڳ الڳ آهن ضلعي انتظاميه کي تحريڪ وٺڻ گهرجي

بدين (رجب راهمون) بدين ۾ کاڌي پيتي جي شين جي اگهن ۾ تيزي سان اضافو ٿي ويو اٽو 170 روپيا ڪلو ٿي ويو تفصيل مطابق. بدين شهر ۾ اٽي جو اگھ چڪين تي 170 روپيا ڪلو وڪامڻ لڳي جڏهن ته فلور مل تي اٽو 160 روپيا ڪلو و/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

همدرد اتحاد طرفان يونين ڪائونسل وڏا مهر ۾ غريب، مسڪين ۽ بي پهچ ماڻهن وچ ۾ راشن تقسيم ڪرڻ واري تقريب منعقد

انفارميشن سيڪريٽري امتياز علي لهر، آفيس سيڪريٽري فدا حسين مهر سميت علائقي جي معززن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

آس پاس جي ڳوٺن سان واسطو رکندڙ 120 غريب، مسڪين ۽ بي پهچ ماڻهن وچ ۾ راشن تقسيم ڪيو ويو

اسان پنهنجي مدد پاڻ تحت ڀلائي واري ڪمن جي شروعات ڪئي آهي، جنهن ۾ اڄ اسين 120 خاندانن کي راشن ڏنو آهي

لاڙڪاڻو(رپورٽ عبدالستار سيال) لاڙڪاڻي ۾ سماجي تنظيم همدرد اتحاد طرفان يونين ڪائونسل وڏا مهر ۾ غريب، مسڪين ۽ بي پهچ ماڻهن وچ ۾ راشن تقسيم ڪرڻ واري تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ همدرد اتحاد ضلعي لاڙ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

باڍهه ۾ پرائمري استاد اعجاز موريو پاران گذريل 13 سالن کان سروس آئي ڊي بند ڪرڻ خلاف احتجاج

غلام شبير حيدري، لياقت قلپوٽو، دلدار قلپوٽو ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري استاد اعجاز موريو جي پگهارن جي بحالي لاءِ زوردار نعريبازي

تعليم کاتي سنڌ بنا جواز گذريل 13 سالن کان سندس سروس آئي ڊي ۽ پگهارون بند ڪري ڇڏيون آهن

جنهن سبب هو پنهنجي خاندان سميت سخت معاشي مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيو آهي

باڍهه(رپورٽر) باڍهه ۾ پرائمري استاد اعجاز موريو پاران گذريل 13 سالن کان سروس آئي ڊي بند ڪرڻ ۽ رهيل پگهارون جي بحالي لاءِ هفتيوار احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، جنهن ۾ باڍهه جي مختلف مڪتبه فڪر سان لاڳاپيل شخصيتن ڪامريڊ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

سنڌ يونيورسٽي ۾ 10 هزار 807 اميدوارن جو انٽري ٽيسٽ، والدين پاران انتظامن جي واکاڻ

جنهن ۾ مجموعي طور 10 هزار 807 اميدوارن حصو ورتو. انهن ۾ 7 هزار 562 ڇوڪرا ۽ 3 هزار 245 ڇوڪريون شامل هيون

سنڌ يونيورسٽي ۾ داخلا مڪمل ميرٽ جي بنياد تي ڏني وڃي ٿي ۽ سمورو نظام ڪمپيوٽرائيزڊ آهي

هن اميدوارن ۽ والدين کي هدايت ڪئي ته هو افواهن تي ڌيان ڏيڻ بدران ميرٽ لسٽن جو انتظار ڪ

ڄامشورو (رپورٽر)سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۽ ان جي ڇهن ڪيمپسز ۾ تعليمي سال 2027ع لاءِ بيچلر ڊگري پروگرامن ۾ داخلائن واسطي پري انٽري ٽيسٽ جو ٻيو مرحلو ڪاميابيءَ سان مڪمل ٿي ويو، جنهن ۾ مجموعي طور 10 هزار 80/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

امير بخش چانڊيو سان پيڻ جي وفات تي تعزيت جو سلسلو جاري

چيئرمين نوابزاده ريحان خان چانڊيو ۽ نوابزاده لشڪر خان چانڊيو ڳوٺ نهال تنيو ۾ پهچي تعزيت ڪئي

ميونسپل قمبر اڪائونٽ آفيسر طارق حسين چانڊيو ۽ پ پ يوٿ اڳواڻ بادل لطيف چانڊيو جي ڀقي جي وفات تي وارثن سان تعزيت ڪئي

وارهه (رپورٽر) امير بخش چانڊيو سان پيڻ جي وفات تي ميونسپل ڪاميٽي قمبر جي چيئرمين نوابزاده ريحان خان چانڊيو ۽ نوابزاده لشڪر خان چانڊيو ڳوٺ نهال تنيو ۾ پهچي تعزيت ڪئي. نوابزاده ريحان خان چانڊيو ۽ نوابزاده لشڪر خان چانڊيو ڳوٺ نهال تنيو ۾ پهچي امير بخش چانڊيو جي پيڻ، ميونسپل قمبر اڪائونٽ آفيسر طارق حسين چانڊيو ۽ پ پ يوٿ اڳواڻ بادل لطيف /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

گهمڻ ويل 2 ڀائر دانش شابراڻي ۽ وقاص شابراڻي پٽ عنايت الله شابراڻي ڳوٺ خان محمد کهاوڙ واسي تلاءَ ۾ ٻڏي فوت

ڳوٺ مانجهي جويو پرسان پاڻي جي تلاءَ ۾ 2 ڀائر دانش شابراڻي ۽ وقاص شابراڻي ٻڏي فوت ٿي ويا

جن کي ٻن ڪلاڪن جي ڳولا بعد ٻن ڀائرن جا لاش تلاءَ مان ڪڍيا ويا جن کي وارهه اسپتال پهچايو ويو

گاجي کهاوڙ(رپورٽر) نانانڻ جي ڳوٺ مانجهي جويو ۾ گهمڻ ويل 2 ڀائر دانش شابراڻي ۽ وقاص شابراڻي پٽ عنايت الله شابراڻي ڳوٺ خان محمد کهاوڙ و/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30